# كونجون كركن روح تي

## شيخ اياز

ايڊيشن پهريون

اپريل 1997

نيو فيلڊس پبليڪيشن ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد

نوٽ: (هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ جي ويب سائيٽ تان ڪٽي پي ڊي ايف جي صورت ۾ آڻي پڙهندڙن جي سهولت لاءِ رکيو ويو)

# انتساب

**پنهنجي پيش رو سنڌ جي عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي نالي**

**تون پارس مان لوهه، سڀئي ته سون ٿيان**
**تنهنجي جُتي جي مِٽي**
**شيخ اياز**

# مهاڳ

اصل شهود و شاهد و مستهود ايک هي
حيران هون پهر مشاهده هي کس حساب مين
**(غالب)**

حيرت جو اهو احساس آهي جو وحدت الوجود جي نظرئي جو بنياد آهي. جتي ته تصوف هڪ عوامي تحريڪ جو روپ ورتو آهي اُتي اُهو پنهنجي خاص ماحول ۽ مذهبي روايتن کان متي اُڀريو آهي ۽ هڪ ئي شڪل ۾ نظر اچي ٿو ۽ اُن ۾ اختلاف بدران هڪجهڙائي ۽ ايڪتا ملي ٿي. مون وٽ تصوف تي اُردو ۽ انگريزيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب آهن. هڪ ڪتاب آهي 'تصوف قبل از اسلام' تصوف اُن ڪتاب جي مصنف سريت پسندي (Mysticism) کي ڪونيو آهي. اُها نفس جي گهراين مان اُڀري ٿي ۽ مشاهدي ۽ ڪشف جي نالي ڪونجي ٿي. اُها سائيريا جي ايسڪي موء اتر ۽ ڏکڻ آمريڪا، آفريقا، يونان، هندستان ۽ چين ۾ تائو ۽ ڪنفيوشس مت ۾ ملي ٿي. اسلامي تصوف تي يوناني ۽ هندي سريت پسنديءَ جو گهرو اثر آهي. اسلامي تصوف کي ٻه ڳالهيون زياده اُپاريون ٿيون ۽ اُهي آهن ته (1) الله رگِ گردن کان ويجهو آهي ۽ (2) الله نور السماوات والارض آهي. اهي مشاهدي ۽ ڪشف جو وارداتون نه فقط صوفين پر فلسفين ۾ اُلجهاوَ جو سبب ٿي وجن ٿيون ۽ اُنهن ۾ تضاد اُڀري اچن ٿا. خدا ۽ انسان جي وچ ۾ ڪهڙو تعلق آهي؛ وحدت ۽ ڪثرت جون جڙون ڪٿي ملن ٿيون ۽ عشقِ مجازيءَ جي ڪيتري اهميت آهي؟

فاني انسان لافانيءَ هستيءَ جو مشاهدو ڪيئن ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙا ٻيا ڪيئي سوال آهن جي حڪيم، صوفيءَ ۽ فلسفيءَ ۾ مونجهارو پيدا ڪن ٿا. ڀٽائي چيو آهي:

واتون ويهه ٿيون، ڪُهه ڄاڻان ڪاڏي ويا؟

هڪ صوفي جا تجربا شڪ ۽ شبهي کان مٿي سهين، پر اُهي جڏهن ٻوليءَ ۾ اچن ٿا تہ تجربن جي ماهيت ۾ نوعيت بدلجي وڃي ٿي. ڳالهہ ايستائين پهتي جو هو مطلق هستيءَ کي نيستي چوڻ لڳا، اُپنشدن ۾ ’نيتي نِيتي‘ چوڻ لڳا تہ ابنِ عربيءَ ۾ عبداللڪريم الجباليءَ اُن کي اعليٰ ۾ عدمِ محض ڪوٺيو.

پنجاب ۾ سلطان باهو، بلهي شاهہ ۽ شاهہ حسين اُن جا بهترين مثال آهن ۽ سنڌ ۾ شاهہ، سچل ۽ سامي کي هرڪو تہ مورتي ڪوٺي ٿو. سامي هندو تہ هيو پر هڪ وحدت پرست شاعر هو.

اي – او – جونس (E.O.Jones) چيو آهي تہ، ”مذهب جي صحيح وصف ۾ شرح ۾ اهو سمايل آهي تہ دنيوي زندگيءَ کان ماورا پاڪيزه نظام سان خوشگوار تعلق پيدا ڪيو وڃي جو هن ڪتاب ۾ ظهور پذير آهي. “انهيءَ معيار تي سنڌ ۽ پنجاب جا صوفي شاعر پورا اچن ٿا.

اهو ماروائي رجحان مذهبن ۾ لاڳاپو پيدا ڪري ٿو. فقط آسمان جي نيري گُنبذ ڏانهن ڏيانُ قديم شعور ۾ هڪ مذهبي تجزئي کي جنم ڏنو آهي. هن ڪائنات جي پراسراريت ۽ اَڪٿ ۽ اڪٿ ٿهلاءُ، هڪ بعيه از فهم هستيءَ جو احساس ڏياري ٿو. ڪائنات جو ڪوئي تہ باني آهي، اُن ۾ مستقل موجود آهي ۽ اُن کي ناهي ٿو ۽ ڍاهي ٿو. هي انساني زندگي هڪ ماڪ جي قطري کان وڌيڪ اهميت نہ ٿي رکي. ڪيترا رعب داب، نٽ نانگر وارا ڏاڍا مڙس مٽيءَ سان مٽي ٿي وڃن ٿا ۽ نہ رڳو اُنهن جو نانءُ نشان نہ ٿو رهي پر هنن جي ساري پٽ کوهہ وئرٽ وڃي ٿي. قاتل ۽ مقتول، ظالم ۽ مظلوم، جابر ۽ مجبور، سڀ هن مٽيءَ جي امانت آهن. نہ رڳو اهو پر سياڻا ۽ اياڻا، جوڳي ۽ نوڳي، دنيا ڍونڊ جا طالب ڪُتا سڀ مٽيءَ ۾ سمائجي وڃن ٿا. ماٺهو رڳو مٽيءَ چاڻو آهي، لحد هن جو ابد تائين مهد آهي. ان ڪري ئي انسان جو ڌيان اُن هستيءَ ڏانهن وڃي ٿو جو اَربين ڪربين سالن کان باقي آهي، جنهن ڪروڙين چنڊ، سج ۽ سج کان بہ هزارين ڀيرا وڌيڪ ڳورا ستارا پيدا ڪيا آهن، جي ڪيئن گردش ڪن ٿا ۽ ڪيڏانهن وڃن ٿا، اهو هڪ راز آهي دنيا ۾ انهيءَ حقيقت جو رنگا رنگي جو ظهور ڏسي، شاعر چئي اُٿي ٿو:

جب ڪہ تجهہ بن ڪوئي نهين موجود،
پهر يہ هنگامہ اي خدا ڪيا هي.
**(غالب)**

فارسي شاعر بہ ساڳيءَ حيرت جو اظهار ڪيو آهي تہ:

ماز آغاز و ز انجامِ جهان بي خبريم،
اول و آخرِ اين ڪهنہ ڪتاب اُفتاد است.

(ترجمو: اسان هن جهان جي آغاز ۽ انجام ڪان بي خبر آهيون، هن پراڻي ڪتاب جو پهريون ۽ پويون پنو ڦاٽي ويو آهي.)

مون پنهنجي هڪ نوٽ بُڪ ۾ لکيو هو تہ پيٽرول پمپ جي بتي پنهنجي هڪ ٽنگ تي ڪڙي آهي ۽ آئي وئي لاءِ رابعہ بصريءَ وانگر چوڌاري روشني ڦهلائي رهي آهي.“ هن تشبيهہ ڪي جديد دنيا جي نڪتہ نگاهہ ڪان ڏنو وڃي.
رابعہ بصريءَ تي مون مارگريٽ سمٿ جو هڪ ڏاڍيءَ محنت سان لکيل ڪتاب پڙهيو جنهن ۾ هڪ ٽنگ تي هن جي عبادت جو ذڪر هو، ان ڪري جديد دؤر ۾ مون ڪي مٿين تمثيل سمجهي آئي هئي. ٻين صوفين وانگر رابعہ جي زندگيءَ ۾ بہ ماورائيت جي ڪيفيت هئي.
مٿين ڪتاب ۾ هڪ هنڌ لکيل آهي تہ ڪنهن رابعہ ڪان هڪ ڀيري پڇيو، ”تون ڪٿان آئي آهين؟“

”دنيا مان“، هن جواب ڏنو.
پوءِ هن ڪان پڇيائين، ”تون ڪيڏانهن ٿي وڃين؟“
”ٻي دنيا ڏانهن.“ هن جواب ڏنو.
وري هن ڪان پڇيو ويو، ”تون هن دنيا ۾ ڇا ٿي ڪرين؟“
”مان غم زده آهيان.“
”ڇا لاءِ؟“

”ان لاءِ تہ مان ماني هن دنيا جي ڪاوان تي ۽ ڪم ٻيءَ دنيا لاءِ ڪيان ٿي.“

اهو پڙهي منهنجي هانوَ ۾ ڌڪ لڳو. ڇا هيءَ منهنجي شاعري ٻي دنيا لاءِ ڪم ۾ شمار ٿي سگهي ٿي؟

ڇا هي ڌرتيءَ ۽ عوام سان وابستگي رکڻ وارا شاعر سڀ غلط آهن؟ ڇا منهنجي شاعري رابعہ بصريءَ جي آدرش تي پوري اچي سگهي ٿي؟

مسيحي روايت موجب عيسائين ۾ رابعہ جهڙي محبت سينٽ ٿيريسا ۾ هئي ۽ هندو مت ۾ مورتيءَ پوڄا جي باوجود، ميران ٻائيءَ ۾ هئي.

ديوبند جي هڪ اِشاعت ’الغزالي‘ ۾ مون ڪٿي پڙهيو هو، ”هي مان حافظي مان ٿو لکان تہ ”چيني مصورن جا ٻہ ٽولا دربار ۾ آيا ۽ ٻنهي کي رُڪ جي ديوارن تي تصويرون ناهڻ لاءِ چيو ويو، جي هڪ ٻئي جي آمهون سامهون هيون.

جڏهن انهن اهي مڪمل ڪيون تڏهن حاڪمِ وقت اُنهن جي رونمائي ڪئي. ٻنهي ديوارن تي عين بين ساڳيون تصويرون نڪتل هيون. دراصل هڪ ٽولي هڪ رُڪ جي ديوار تي تصوير ڪڍي هئي ۽ ٻئي ٽولي ٻيءَ ديوار کي صيقل ڪري آئيني وانگر ٺاهيو هو ۽ سامهون رُڪ جي ديوار تي نڪتل نقش ٻيءَ ديوار ۾ نظر ٿي آيو. دراصل مقصد اندر کي اُجارڻ جو آهي.

امام غزالي طوس ۾ 450 هجري ۾ ڄايو هو. ڪتاب ’الغزاليءَ‘ ۾ لکيو ويو آهي تہ غزاليءَ جي دؤر ۾ چار فرقا هيا. متڪلمين، باطني، فلاسفہ ۽ صوفيا. اُهي فرقا علم ۽ عقيدي ۾ مختلف هيا. پوءِ تہ فرقا اسلام ۾ اهي وڌندا وڌندا ويا، يوناني فن ۽ علم جو صوفين تي ڪافي اثر ٿيو ۽ ارسطوءَ جي فلسفي جي ڪافي اشاعت ٿي، يعقوب ڪندي، حڪيم يحييٰ بن ابي منصور، عباس بن سيد جوهري ابوالطيب سند بن علي، ابو نصر فارابي، محمد بن ذڪريا رازي، ابنِ مسڪويہ، اخوان الصفا، شيخ بو علي سينا، ابو ريحان بيروني، امام غزالي ۽ ٻيا جي برصغير ڪان ٻاهر پيغام ڏيندا ها، اُنهن جي باري ۾ مون شيخ محمد اڪرام جا ٽي حصا آبِ ڪوثر، موجِ ڪوثر ۽ رودِ ڪوثر پڙهيا آهن. اڪثر صوفين جو پيغام شاهہ لطيف وارو آهي.

'سيت پچار پرينءَ جي سيت هوت حضور'

ادريش شاهه پنهنجي انگريزيءَ ۾ ڪتاب (Sufism) ۾ لکي ٿو ته ڪنهن صوفيءَ کان سِريت پسنديءَ جي تجربي جي باري ۾ پڇيو ويو ته هن جواب ڏنو، "چار ڄڻا، هڪ ايراني، هڪ تُرڪ، هڪ عرب ۽ هڪ يوناني ڪنهن گهٽيءَ ۾ بيٺا ها. هو چارئي مسافر ها ۽ هنن ڪي فقط هڪ هوڪو هو ۽ هو ان تي بحث ڪري رهيا ها ته هُو اهو ڪيئن خرچ ڪن.
ايرانيءَ چيو مونکي "انگور گهرجي"، تُرڪ چيو ته "مون کي عظوم (Uzum) گهرجي"، عرب چيو ته "مون کي عناب گهرجي ۽ يوناني چيو ته "مون کي اسٽافل(Stafil) گهرجي." اُتان هڪ ٻيو مسافر لنگهي رهيو هو، جو ماهرِ لسانيات هو. هن ڪين ٻڌي چيو، "مان سڀني جي خواهش پوري ڪري سگهان ٿو. مون کي پنهنجو سڪو ڏيو."
پهرين ته هنن هن تي اعتبار نه ٿي ڪيو، پر آخر هن کي سِڪو ڏنائون. هو هڪ ميوه فروش جي دڪان تي ويو ۽ چار انگور جا ڇڳا وٺي آيو.
ايرانيءَ چيو، "هي منهنجو انگور آهي. ان تي ترڪ چيو ته مان انهيءَ کي عظوم چوندو آهيان." ساڳيءَ طرح عرب ۽ يوناني چيو ته عناب ۽ اسٽافل به اها ساڳي شيءِ آهي."
هڪ قابِل ذڪر واقعو اتر هندستان جي ڪن اهڙن بزرگن جو ٿيو جن هندن ۽ مسلمانن جي عقيدن کي ملائڻ چاهيو ۽ اهڙن فرقن جو آغاز ڪيو جن ۾ ٻنهي مذهبن جا عقيدا شامل ڪيا ويا. انهن بزرگن ۾ ڪبير پهريون هو. هو 1440ع ۾ پيدا ٿيو هيو ۽ 1518ع ۾ وفات ڪري ويو.
تذڪرة اوليا ۾ هن جو نالو شيخ ڪبير جولاهو قدس سره لکيل آهي ۽ اهو به چيو ويو آهي ته هي شخص شيخ تقي سهرورديءَ جو خليفو هو ۽ زماني ۾ مشهور ماڻهن مان ٿيو آهي. هن پنهنجي ولايت کي ملامتيه فرقي ۾ ڇپايو هو ۽ پنهنجي وقت جي هر موحد کان ممتاز هو. هن ڪجهه ڏينهن رامانند بيراڳيءَ جي صحبت ۾ رهي، هندي زبان ۽ شاعريءَ تي عبور حاصل ڪيو ۽ هندي ٻوليءَ ۾ بي مثال دوها چيا جن ۾ پهريون ڀيرو هن معرفت جو بيان ڪيو. هن جي تعليم

جي پيروي گرونانڪ ڪئي جنهن جي گرنٿن ۾ ڪجهه سنڌي بيت به اچي ويا آهن. هو پنهنجي دور ۾ ڏاڍا مقبول ها پر ورهاڱي کان پوءِ هندستان جي تهذيب جو حصو نه ٿي رهيا پر پنهنجي اهميت وڃائي ويٺا. هنن جا پوئلڳ ڪبير پنٿي ۽ سک اڃا تائين هندستان ۾ آهن پر پاڪستان ۾ هڪ به ڪبير پنٿي نه آهي.

ڏکڻ هندستان ۾ جتي مسلمان پهريون پيرو آباد ٿيا ها، اُتي هنن هندن جي مذهبي ۽ معاشرتي خيالن ۾ ڪافي تبديليون آنديون هيون، جن مان ڪيتريون ئي مشهور فلسفي شنڪر آچاريا شوِمت ۽ وشِنومَت جي ساڌوئن معرفت ڦهلايون هيون. رامانج انهن کي خاص تربيت ڏني هئي ۽ ڀڳتي تحريڪ کي فلسفي جو بنياد ملي ويو هو. ڀڳتي يا پريم يا عبادت جو مذهب آهستي ڏکڻ ۽ اُتر ۾ ڦهلجي ويو هو پر پوءِ تاريخ پلٽو کاڌو ۽ هاڻي نه بي جي پي ۽ راشٽر ميوڪ سنگهه ٽن هزار مسجدن جون لسٽون ناهيون آهن جي هو مسمار ڪرڻ چاهن ٿا ۽ مسلمانن کي چوٿين درجي جو شهري بڻائي مسلم حڪومت جي هڪ هزار سال جو نئين نسل سان پلئه ڪرڻ چاهن ٿا.

سلطان باهوءَ، شاهه حسين ۽ بلهي شاهه جا نه رڳو ڪتاب مون وٽ آهن پر مان هنن جي ڪلام جا ڪئسيٽ به نند کان اڳ ۾ ٻڌندو آهيان. باهو چؤسٽا لکيا آهن. پنجابيءَ ۾ دوها به سٽا به هوندا آهن، جيئن فريد شڪر گنج جا دوها آهن ۽ چؤسٽا به هوندا آهن جيئن سلطان باهوءَ جا آهن. باهو جي هر سٽ جو پهريون لفظ هُو، آهي جو انساني روح کي ڪٿان جو ڪٿي پهچائي ڇڏي مون هر دوهي ۾ هو به لکيو آهي. باهوءَ جو تعلق شاهه جهان جي دؤر سان هيو. هو جهنگ جي موضع اعوان ۾ پيدا ٿيو هو. هو دارا شڪوه جو همعصر هيو1230 هه ۾ جنهن نه رڳو سڪينته الوليا ۽ سفينته اوليا جهڙا ڪتاب لکيا ها پر ڪابل ڏانهن ڪاهه ڪندي رستي تي فارسيءَ ۾ اپنشدن جو ترجمو به ڪيو هائين. هن جي انسان دوستي ضرب المثل ٿي چُڪي آهي. انهيءَ ۽ هن جي مرشد ميان مير باهو وانگر قادريه سلسلي ۾ بيعت ڪئي هئي. ميان مير اصل سيوهڻ جو سنڌي هيو.

جيتوڻيڪ ان وقت چشتيہ، نقش بنديہ، سهروورديہ طريقا مقبول ها ۽ عوام ۽ خواص ۾ اهڙو ڪوئي شخص نہ هو جو ڪنهن نہ ڪنهن سلسلي سان وابستہ نہ هو.

هونءَ تہ وحدت الوجود جي تصوف جي دنيا ۾ پراڻي ريت آهي، پر اُن کي ابِن عربيءَ جي فڪر ۽ حسين بن حلاج منصور جي خون هڪ زنده حقيقت بڻايو، جنهن پنجاب جي مٿي ذڪر ڪيل فرقن کي هڪ لوڪ شاهي ريت ۾ سمائي ڇڏيو هو. پنجاب جي صوفي شاعر سيد علي عباس جلال پوريءَ جون هيٺيون سٽون اڃا تائين عوام جي زبان تي آهن.

**ماهِي ماهِي ڪُوڪَندي مين آپي ماهي هوئي**
**رانجهن رانجهن سب ڪَهي، آڪي هير نہ ڪوئي**
**رانجها رانجها ڪُوڪَندي مئن آپي رانجها هوئي**

مون باهوءَ تان چؤسٽي جو فارم کنيو آهي جيئن ساميءَ تان سلوڪ ۽ پٽائي تان بيت جو فارم کنيو آهي.’ڪونجون ڪَرڪن روهہ تي‘ ۾ باهوءَ جي مابعد الطبيعات (Metaphisics) نہ آهي ۽ منهنجي شاعري ۾ جو فلسفو آهي ان جو ڪائي هڪ سٽ باهوءَ سان يا ٻي ڪنهن سان نہ ٿي ملي.

ها، اهو ضروري آهي تہ ڪيترن چؤسٽن ۾ مون پنهنجي نقطہ نگاهہ کان هن ڪائنات جي وحدت بيان ڪئي آهي. انهن ۾ ڪجهہ چؤسٽا ڪراچيءَ جي حالات جي باري ۾ بہ آهن. اُن دؤر جي دهشتگرديءَ جي عڪاسي ڪن ٿا.

منهنجو پيءُ مون کي ننڍي هوندي باهوءَ جي هيٺين سٽ ٻڌائيندو هو (هو باهوءَ جو معتقد هو ۽ ڪيئي ڀيرا هن جي مزار تي ويو هو)

تن من ميرا ليران ليران جون درزي دي ليران هو

(ترجمو: منهنجو تن من ليڙان ليڙان آهي، جئن درزيءَ جو ليڙان آهن.)

اها سٽ منهنجي دل تي اُڪرجي وئي هئي ۽ اڃا ياد آهي. مان باهوءَ جي هيٺين دوهي سان هي مهاڳ ختم ٿو ڪيان.

**عشق دي اولڙيان گلان جيهڙا دور ٿين شروع هٽاوي، هُو**
**قاضي چوڙ قضاوين جاوَن جو عشق طما چين لاوي هُو**
**لوڪُ اَياڻي مَتين ديوَن عاشقان مَت نہ پاوي، هُو**
**مڙن محال تِنهان نون باهو، جنهان صاحب آپ بلاوي هُو**

(ترجمو: عشق جون ڳالهيون نراليون آهن جيڪي شرع کي دور هٽائي ڇڏين ٿيون
قاضي قضائون ڇڏي وجن تا جڏهن انهن کي عشق چپاٽ هڻي ٿو.
اياڻا لوڪ تہ مَتيون ڏين تا پر عاشقن کي ڪائي مت پانءِ نہ ٿي اچي.
انهن جو مُڙڻ محال آهي باهو، جن کي صاحب گهرائي ٿو.)
باقي هڪ سوال: ”باهو! گهڻا مجازي عشق ڪيا هُي؟ ڇا تون ڄاڻين ٿو تہ معرفت جي راهہ تي اچڻ کان اڳ مون گهڻا ڪيا آهن!“
**شيخ اياز**

**4 — ڊسمبر 1996ع**

# چوسٽا

## (سلطان باهوءَ جي نالي)

### چؤسٽا

*

ساري رات اسان جاڳون ٿا جهونجهڪڙي اڪِ لڳي هُو
ورهڻ جئن ڪا ڪاري اُڀ ۾ تارا تڪي تڳي هُو
ڇا ڇا پنتي رهجي ويو آ ڪير نپائي اڳي هُو
حال ته اچٽو وچٽو آهي حال ته سڀ ڪي نڳي هُو

*

ڳاڙهي ڏاک اُنهيءَ جي وَل تي هي چاندوڪي هُو،
رُت بسنتي آئي آهي، ٻيرِ ته ڏس ڪئن ٻوڪِي هُو
سورَ اُپاريا ڪُوڪي ڪويل چو نه ڪيو ڪجهه تو ڪِي، هُو
گرچه گلاب جيان اج تازي ناهي پريت پروڪي هُو.

*

بيٺو عشق نچائي ڪنهن کي ٿيا ٿيا هُو
ڪُن اندر ڦيراٽيون ڪائي پيئي نيا هُو
هيءَ اڪيلي ناوَ انهيءَ جو ڪير کِوَئيا هُو
اونداهي اڌ رات انهيءَ جي هيا هيا هُو.

*

*

چنڊ ڪجيءَ جي ٻانهن ڳچيءَ ۾ پائي هيٺ نهاري هُو
نيرو نڀ درياهه جيان ٿو چندر مان کي تاري هُو

پِپل پاڙ ٻَرن تا ڏيئا ويو ٿارين ڪي ٺاري، هُو
نيڻ اجا ٽائين تا لوچن ساڳي نينهن نظاري، هُو.

*

باهو تو جو عشق ڪيو سو نانهه اَجايو وڄڻو هُو،
مان چاٽان ٿو جنهن جنهن تڙ تي آ توکي پيرو پڄڻو هُو،
چنڊ چڪي ٿو سينگ، انهيءَ کي تيرُ تہ توتي سڄڻو هُو
هُو هڪڙي ڏينهن تہ اچڻو آهي، ماڻهوءَ موتُ تہ مڄڻو هُو.

*

سِجُ ٻڏي ويو پاڻيءَ ۾ ۽ نديءَ تي آ سانجهي هُو،
چوڌاري وڻ سانت سمايا، اونده ڪنهن آڳانجهي، هُو
سانت سمندر وانگر چُلڪي، موڙهو من جو مانجهي هُو
ٿو جهوپيءَ ۾ ڏيئو ٽمڪي، ٽالهيءَ ڪانجهي هُو.

*

هي جا پوڙهي چيلهہ چپيءَ سان ڪاٺيون ڍوئي هُو،
مڙس اُنهيءَ جو ڪٿِن نہ اگهائيءَ ۾ ٿوروئي، هُو
گهر پهچي هوءَ هُن لَئِہِ چانور ويني سوئي، هُو
ياڳ اڳي جئن ساڳ سرنهن جو، ڪنهن ڪي لوئي، هو؟

*

*

هو باهو سلطان بہ آهي، بُلي شاهہ بہ هُو،
جڻ تہ پڻائيءَ جي آويءَ ۾ آ اوچو اوڙاهہ  بہ هُو
شال فريدا هن کي سمجهين مهر بہ هُو ۽ ماهہ بہ هُو
آهي امن پيام انهيءَ جو، سڀ سان آهي ناهہ بہ هُو.

*

دم مان آهہ عدم نڪتو ۽ دم مان نڪتو آدم هُو، هر
هَر ڪنهن ڪي جي مرڻو آهي، موت اجايو آ غم هُو،
سهڻي تنهنجا وارَ هوا ۾ چا زلفِ پُرخم هُو
موت اڳيان ميهار نہ ڪوئي، ناهي ڪوئي چڻ ڏم هُو.

*

آڪاس سمندر وانگر آ، ۽ چنڊ تري ٻيڙي جان هُو
آنءُ تہ ڪوئي ڪوڏ بہ ناهيان، سُرڪي ڪيئن سمايان، هُو
ماهيگير گهريا گهڙن ۾ گهِلي چار مڇين سان، هُو هُو
جيڪيو سڀ ڪي رزق رسائي، واري آنءُ انهيءَ تان، هُو.

*

موتي ڪو بہ نہ آيو آهي، ڏس ڏئي جو ڪوئي هُو
مٿيءَ هينئان ڪو بہ نہ ٻولي آهي سانت سيوئي هُو
ساڪَ نہ رهندي ڪنهن بہ سَڪيءَ جي لاڪَ نہ هوندي لوئي هُو
ڪنهن ڪي سار نہ رهندي باهو چا پاتي چا ڪوئي، هُو.

*

*

ڪنهن ڪي ڪَل نہ آهي ڪائي، ڪنهن نہ سياڻو ڄاتو هُو،
نيٺ ندي جا سمنڊ سمائي تنهنجو انت نہ پاتو، هُو،
جهرڻي وانگر گيت اچي ٿو، ڪير چوي ڪنهن ڳاتو هُو!
پريت تہ آئي نشي وانگر، چا ڪنهن يار سڃاتو هُو؟

*

جوني جڳ جي جُٺ وساري ائٺ مٿان ٿي ڪَتي هُو
پير پٿون ۽ راهہ اٽانگي پنڌ ڪندي ٿي وتي هُو
لُوهَ لڳن ڪي لهسايس پَروئي ڏهاڙي تتي هُو
عُمر انهيءَ لئہ سوال مُنجهايا مڏ مزي تي مَتي هُو.

*

ڪنهن جو ڪنهن جو ڏک روئيندين ڪيئي گل ۽ لالا هُو،
غالب وانگر ڪيئي تن جا ڪالهہ غزل سراها، هُو،
رَبا! سُهڻيون تو دنيا ۾ خلقيون آهن ڇا ڇا هُو
نقش مٿائين ٿو ائن تن جا جيئن مصوَر پردا، هُو.

*

وڻ جون ٽاريون چانڊوڪيءَ ۾ جيئن لڏن، تئن ٻانهون، هُو
ڪيڏيون سانت سمايون آهن در دوندن جون دانهون هُو؟
اُتر واءُ تہ ناهي سَر تي آهن ڪيئي آهُون هُو!
ٻيا سڀ جا رستا باهو سپنا سپنا راهُون هُو.

*

*

مسجد جي مينار مٿان جيئن چنڊ رُلي ٿو، هُو
قطرهءِ شبنم شاخِ گل تان جيئن ڪِري ٿو، هُو
’هو‘ ئي ’هو‘ جو وَرد ڪبوترَ جيئن ڦِري ٿو، هُو
منهنجو روح تڏهن گنبذ ۾ ايئن گهِري ٿو، هُو.

*

’رانجهو‘ ’رانجهو‘ هير ڪري ٿي رانجهو جهنگِ سيال ڪٿي هو؟
رانجهو سوچي رانجهو لوچي، رانجهو سنگَ خيال ڪٿي هُو؟
هير سدائين ڳولي پنهنجو مستقبل ۽ حال ڪٿي؟ هُو
مچي ڳولي باهو، هُن لئہ جڳ ۾ ڪيڏا جال ڪٿي؟ هُو

*

عشق الله سان جنهن ڪي ڪونهي باهو ڪهڙو ماڻهو، هُو
هر ڪنهن کي ٿو چيري ڦاڙي چيتي جهڙو ماڻهو، هُو
جيڪيو اُج اُجهائي سڀ جي پاٽيءَ ٻهڙو ماڻهو، هُو

ڪڪ بہ هلڪو آهي جنهن کان اهڙو اهڙو ماڻهو، هُو.

*

سورج مُکيءَ جي ڪيت جيان مان ننڊ ڪيان ٿو، هُو
سجَ اُڀري کان اڳ ۾ ئي ڇا لاءِ اُٿان ٿو، هُو
سج اُڀري ٿو دور اُفق ۾ آنءُ ڏسان ٿو، هُو
تون ڇا ڄاڻين آنءُ عبادت ڪيئن ڪيان ٿو، هُو.

*

*

ڪويل ڪوڪي ٿي ساوڻ ۾ مينهن پوي ٿو، هُو
ڪو تہ اُنهيءَ آواز ۾ آهي ڪجهہ تہ ڇوي ٿو، هُو
ڌرتيءَ کي آڪاش منجهاران ڪو تہ سڏي ٿو، هُو
عشق الله جو توکي پنهنجي طرف ڇِڪي ٿو، هُو

*

سڀ ماڻهو مهمان هيا گهر ڪنهنجو ناهي، هُو
ڪيڏا نہ پرندا اُڏري ويا سَر ڪنهنجو ناهي، هُو
روز سيان پَرُ ٽيڻو آ پَرُ ڪنهنجو ناهي، هُو
موت رڳو پاڇائون آڏر ڪنهنجو ناهي، هُو.

*

هو چوڏس جو چنڊ ٻري ٿو، سَهو گوارِ تو ڪائي، هُو
ڪَنڌيءَ پنتان دور شڪاري، ڪاٽَر تو اُڇلائي، هُو
چنڊ ڏسي تو اُن کي پرتان ٻيوس ٿي ٻاڏائي، هُو
ڪهل نہ ڪائي پيلَ، ڇپن تي مُرڪ پئي لهرائي، هُو.

*

ٻاهو، ڇانئٺ تي آيو ٿي، دروازو ڪئن ٻوٽين، هُو
آهي هي آواز ازل جو ان کان ٻوڙو ڇو ٿين، هُو

هو جو ايڏو ويجهو آهي، تنهن لئہ چو ٿو ڪاهين، هُو
جيءَ ۾ جهاتي پاءِ ڙي باهو، سڀ ڪجهہ تون آهين، هُو
*

*
توريت پڙهيو، انجيل پڙهيو، قرآن پڙهيو سي هُو
رومي، سعدي، حافظ جو ديوان پڙهيو هُو
آهہ اهو ئي ڏک نہ ڪڏهن انسان پڙهيو سي هُو
ڪو نہ سڃاتا درد سندس، درمان پڙهيوسي هُو.
*
باهو تو پنجاب ڏنو آ، سنڌ بہ ڏيکاريانءِ، هُو
چولستان جيان هت ٿر ۾ ڪرهي تي تاريانءِ، هُو
جي ٻاجهر ڪاتي ٻاجهہ ڪري مان سنگ پَٽاريانءِ، هُو
چوڄ منجهان ڍوڍي جي ڳَٽي مان ڪاريانءِ، هُو.
*
پَٽُ، پُلاءُ نہ سيرو آهي، لاشَ ڪرن ڪِئن، هُو
سج چڙهي ويو آ پورهئي ۾ ڪير وَهي هِئن، هُو
لاسيا ڪَرُ ٻنيءَ ۾ ڪن ٿا ڍور ڍِڳي جئن، هُو
همرچو جئن ٿو ڪو ڳائي تيز ٿين تئن، هُو.
*
سُگهڙ آءُ تڏي تي منهنجي هيءَ ڳجهارت ٻَجُ، هُو
”اڳتي نهر مني پاٽيءَ واريءَ مان تون وَج“، هُو
سانجهي اُپ مان ايئن لهي تي جئن اَمڙ جي ٿڃ، هُو
ٿڪجي ويهہ نہ ڪنهن وڻ هينان ڳالهہ تہ منهنجي مڃ هُو.
*

- كِوَئي (هندي): ناڪئو.
- ڪوئي (اردو):وجائي.
- جال: ڄار.
- نوٽ: لاس، ليڏاڻ ڪيڻ يا لاباري وقت ڪبي آهي. ان لاءِ مزوري نہ ونبي آهي، رڳو ڪاڏو ڪارائبو آهي.

*

ميان متان تون لاهين پنهنجِي ڪاٺُڙَ ڪتِي، هُو
ان وانگر هن ٻوريءَ ۾ ڪا چيز نہ اَتي، هُو
هيڏيءَ رستيءَ مان ميڙي جا، تو آ سَتي هُو
ان ڪتيءَ جي تو نہ ڪڏهن آ قيمت ڪتي، هُو.

*

گڏجي ٻوريون تا هو ڪاهن ڪير اُنن تي، هُو،
چاندوڪيءَ ۾ جن ڪي ڪارا ڪيسَ پُنن تي، هُو
مولا مهر ڪئي آهي تو هيل مُنن تي، هُو
هيل وڏي ولهار ويا ڪيڏا نہ ٻُنن تي، هُو.

*

رات لڙي آ اُڀ ۾ تارا ٽِمر ٽِمر ڪن تا، هُو
هيءَ ڪتيءَ جي مُند، ڪڪر چو رمر جهم ڪن تا، هُو
آهہ طلسمي رات ستارا سِمر سِمر ڪن تا، هُو
جنهن ۾ ڪيئي چاندوٺا چڻ چِمر چِمر ڪن تا، هُو.

*

باهو آءُ ٻنائيءَ ڪي تون تنبوري تي ڏِسُ، هُو
جنهن جا بيت ٻڌي بادل مان چَندِ ڪيڀو سسُ، هُو
ڇا هن جي وائي آهي، ڪو ناهي جنهن جو جَسُ، هُو!
وڪ وڏائي جنهن تي ڪرهو لاهي آرِسُ، هُو.

*

*

ڏينهن تتي جو پاڇاوان ڪن جيئن ڪجيءَ جا ڦرها، هُو
سانوڻ سارَ اچي تي ڏاڍي، ڏينهن جڏهن ٿين سَرها، هُو
مينهن ڦڙيءَ بن ماروئڙا اڄ ڪيڏا آهن اَرها، هُو
شال پِٽن تي آنءُ ڏسان ڪلهه وانگر ڪَرها، هُو.

*

اَنُ جڏهن ايمان ٿئي ٿو، رب ٿئي ٿو مانِي، هُو
هيءَ صدي گذري ويئي جا آهه رڳي ناداني، هُو
هيئن ڪڏهن اڳِ ۾ ماڻهوءَ لئہ ٿي آ ماني ڪانِي؟ هُو
هيئن ڪڏهن اڳِ ۾ ماڻهوءَ جي جيءَ نہ ڳوليو جاني؟ هُو.

*

باهُو، ڪئن ڪرلاهو ٿيندا مئا مصنف، هُو
زنده ماڻهو ڪو نہ لين ٿا مليان پيو ڪَف، هُو
ڪالهہ سموري سنڌ ڪَنِي هئي ڪيڏي هئي صف، هُو
ورلي ٿي ٿو پنهنجو ڪنهن سان هاڻِ تعارف، هُو

*

تو بہ ائين پيريءَ ۾ پاتو باهو سَچُ اَڪيلو؟ هُو
يا تہ هئي تنهجي محفل ڪو ماڻهوئڙن جو ميلو، هُو
تولئہ مون جئن تنهائي هئي چا ڪو وِهہ جو ويلو؟ هُو
يانت يانت جا نار رهن ٿا، هونءَ تہ دنيا ٻيلو، هُو.

*

*

ڦِرندو واءُ، ٻنيءَ ۾ رهندو سنگ نہ ڪانو، هُو
ڪنهن ڪي ڪو بہ بقاءُ نہ آهي، ڇا تي ٿين ديوانو، هُو

پل تون مال ڏسي وٺ پنهنجو ڪولي ڏِس تون خانو، هُو
ناهه ڪفن کي ڪوئي کيسو، هرڪو ايئن روانو! هُو.

*

موتي آنءُ ورهايان وينو ڪو بہ نہ جهَلي جهولِي، هُو
آنءُ خزاني وانگر پنهنجي آهہ ڪويتا کولي، هُو
ديسَ ديسَ ڳَوِيءَ ڪنهن ناهي، مون وانگر هئن ٻولي، هُو
سِٽ سِٽ پچڪاري آهي جڻ، ٻول ٻول آ هولِي، هُو.

*

مينهن جيان تون منهنجي من ۾ لاتا اڄ وسڪارا، هُو
سِٽ سِٽ ۾ پرجي آيا ڪيئي ڪڪر ڪارا، هُو
ڪو بہ اُجارو نانهہ پريا مون تن لئہ ٿويا سارا، هُو
تن ۾ ڪئن نہ ٽَرن تا اپ جا ٽمڪي ڪيئي تارا، هُو.

*

باهو تولئہ ٿاهو ها چا ڌرتيءَ جا سُک، هُو
تو بہ ڏٺا ها مون وانگر چا ڏونگر جيڏا ڏک، هُو
ڪيڏيءَ ٻوسٽ ۾ گذري آ، ڪائي واٽُک، هُو؟
ڪيڏي پينگ اٿم چوڏاري ڪيئن لهي ٻُک، هُو.

*

*

باهو هڪ الله تہ آهي سڀ ڪنهن جو رکوالو، هُو
ماڻهوءَ پنهنجي من تي چاڃي لاءِ هنيو تالو، هُو
ڏوٻيءَ وانگر مون من ڌوتو، آهہ اڃا ڪجهہ آلو، هُو
ڇاتي هي انسان ڪُڏن تا؟ نالو! ڇاهي نالو، هُو؟

*

ڪورو آهه ڪڏهن ڪان پيارا آءُ اُمايون دلو! هُو
ماڻهوءَ جو ايمان ٿيو آ رب مان ڪيڏو ڊِلو! هُو
جڻ سارو ويران لڳي ٿو روحانيت — ڳِلو! هُو
آ اڳ جئن ويساهه پَلو، اڄ ٿَنهن جو ڪَيون بِلو! هُو.

*

بادل مان سانجهي بکي ٿي، سونُ بکي جئن ڏنگي، هُو
توکي ديد پوي ٿي ڪائي اندلٺ ڪنهن هئن ونگي، هُو؟
رات لٿي آ، چندرما جو ناهي ساٿي سنگي، هُو
حيرت ۾ حيران ٿيان ٿو رنگ ٻٽائي رنگي، هُو.

*

ڪنهن ڪيئن ڏنو، ڪنهن ڪيئن ڏنو، تون رب ته ساڳو سائين، هُو
تون بادل ٿي برسائين ٿو، تون ڪويل ۾ ڪُرلائين، هُو
تون وڻ وڻ ڦُڙ ڦُڙ وانگر آن تون وسڪارا وَرجائين، هُو
هي باهو تنهنجوئي بندو آ شال اُنهيءَ ڳرلائين، هُو.

*

*

ساري ڌرتي رَتُ جا ٽوپا ماڻهوءَ اُڃ نه لٿي، هُو
مٿي ڊيرَ ڪري ڪنهن آهي سِر سِر مٿان سَٽي، هُو
سون جيان درياهه وهي ٿو، آهي سانجهي لَٿي، هُو
باهو عمر گهٽا پَل آهي عمر نه ڪنهن ڪَٽي، هُو.

*

بندي وان ته آنءُ به آهيان گهَر جي بندي خاني ۾، هُو
سارو ڏينهن وجي ٿو گذري غالب جئن ويراني ۾، هُو
هاٿي اوٽَ به ڪا نه وجهان ٿو مان پنهنجي پيماني ۾، هُو
ايئن تصور ڇانيو آهي جڻ آهيان مئخاني ۾، هُو.

*

ڪورنگيءَ ۾ ڪير مُئو آ، ڇا هِي ماڻهو ناهي، هُو
هي لانڍيءَ ۾ لاش ڪڍن ٿا، ڪير پُڇي ڪير اهي، هُو
شهر ڪراچي ڪيئي مردا، ڪو بہ نہ رکي ٿاهي، هُو
ميڙاڪو ڏِس آهہ ڪيو ڪيڏو نہ ڳِجهن چوڙاهي، هُو.

*

لَٽو ناهہ لڳن تي هن ڪي سيءُ پيو ٿو ساڙي، هُو
اَڪ سُڪا ٻاري ڪاٽي ٿِي رات جڏهن ڪا پاڙي، هُو
ڪوئي مسافر آيو تنهن ۾ آ ليڙي ڪي لاڙي، هُو
ڪَٽ ڍلي مهمان ملي آ، تانگهَہ پيو جڻ تاڙي، هُو.

*

*

آهہ اڪين ۾ واري هن جي لُوءَ ۾ پئي لُوساٽي، هُو
ڪبڙ ڇانوَ پيو هو ڳُولي جنهن ۾ منجهند ڪاٽي، هُو
ڪنڊيءَ پَن چَري ٿو هن جو اُٺ اُياري ڳاٽي، هُو
ڪير مٽي تي آٽي پيئي گهر مان لسيءَ ماٽي، هُو.

*

نِم جي ڇانوَ ٿڌي آ ڪيڏي آءُ تہ ڪو دم ويهون، هُو
پاڻُ بہ جڻ آڪاس جيان آ، آءُ انهيءَ ۾ پيهون، هُو
هن ڌرتيءَ جون ڪوڙيون ڳالهيون ڇئجن ڪيهون ڪيهون، هُو
ٻار تہ ڪيڏو خوش لڳي ٿو ڪائي وينو پيهون، هُو.

*

باهو نانءُ خدا جو سچو ٻيو سڀ آهي فاني، هُو
جڳ گهڙيءَ جو ميلو آهي ڪوئي خان نہ خاني، هُو
حرص هوس انسان ۾ آهي جڻ ساري ناداني، هُو

هي جيڪو مانڊاڻ، انهيءَ جو ڪو نہ لڳي تو باني، هُو.

*

باهو مون شيطان ڏٺا استالَن وانگر، هُو
نيٺ پڇِي پيا اُتر واءُ ۾ ڪانن وانگر، هُو
ڇڻ تہ ٽٽل تنبوري نڪتل تانن وانگر، هُو
پو بہ ڳچيءَ ۾ آهن ڪِن جي ڳانن وانگر هُو.

*

هاڻي چا ٿيندو بس ويئي منهنجي عمر اَجائي هُو،
اُن جي ڪيئن تلافي ٿيندو بيت هجي يا وائي هُو
نيٺ تہ مٽي آ پاينده ناهي صورت ڪائي هُو
باهو جي مون مرشد گهرجي ڪافي آهہ پٽائي هُو.

*

ڪو بہ نہ وهٽو آهي باهو هرڪو مِٽي هُو
قبر مٿان چانڊوڪي آهي سڀ جي چٽي هُو
ڪير نہ آهي جنهن هن جڳ سان ڪو نہ ڪئي آ ڪِٽي هُو
انڪاري آ ڪير خدا کان، ڪنهن جي قسمت ڦٽِي هُو.

*

ڪو بہ انهيءَ ڪان ڪو نہ بچيو آ موت مِڙن ڏي اچي هُو
ڪاريهر جئن ڪات انهيءَ کي ڪير انهيءَ کان بچي هُو
عمر ڪري ٿو ضايع پنهنجي جو دنيا جي ڏچي هُو
ڪيڏو خوش آن هٿ وتو آ تنهنجو مرشد سچي هُو.

*

باهو ڪاهوءَ تي بيهان مان يا هڙپا ۾، هُو
هي شي آهہ فنا جي زد ۾ فرق ڏسان چا ۾، هُو
آ انسان حقيقت ڪهڙي؟ قطرو دريا ۾، هُو

ڪھڙي معنيٰ رکندو آهي ذرو صحرا ۾، هُو.

*

باهو رنگ برنگي دنيا ڪيسين رهڻي آهي، هُو
دُک جي دين اُنهيءَ ۾ توکي ڪيسين سهڻي آهي، هُو
نيٺ تہ ٻيڙي سِير ونی ٻي پاسي ڪهڻي آهي، هُو
ماڻهوءَ کي ٻيو جيون ملندو موت تہ ننهڻي آهي، هُو.

*

سَهو مري ٿو جيئن اچانڪ ڪولهيءَ جي گھوٻاٽي، هُو
لاڙي ايئن اچانڪ هرڪو پنهنجي ڳاٽي، هُو
موت جيان آرام نہ ڪوئي، ماڻهو ناهي گهاٽِي، هُو
ڪو بہ نہ رهڻو آهي، هرڪو ڏينهن وجي ٿو ڪاٽي، هُو.

*

ڪير چوي هي رات ڪٽي، مان ننڊ منجهان جاڳان، هُو
ڪير چوي ڪنهن وقت مهارون موڙيان ماڳان، هُو
ڪير چوي ڪنهن وقت ڪٽِي ٿئي دل منهنجي راڳان، هُو
ڪير چوي ڪا چيز ملي آ مون کي اڄ ياڳان، هُو.

*

هُو ۽ تو ۾ فرق اجايو، وچ ۾ آهہ حياتي، هُو
هو تہ ميان آئينو آ، تو اِن ۾ جهاتي پاتي، هُو
آ ڪنهنجي تقدير وري اڄ انالحق لئہ آتي، هُو
آنءُ چوان ٿو، ذَرُ نہ انهيءَ کان ناهي موت مماتي، هُو.

*

*

نيٺ تہ وسڻو آهي، ڪلهہ کان وِڄ پئي ٿي چِمڪي، هُو
ڪاري اُڀ ۾ ڪوئي تارو ٽِم ٽِم ٽِمڪي، هُو

ڇا هو اڇٽو آهي هئن ڇو جيءُ پيو ٿو جهمڪي، هُو
منهنجي من ۾ ڇو وسڪارو ڇَم ڇَم ڇِمڪي، هُو.

*

هاڻي ڇا ڪي ياد ڪرين ٿو جا گذري سا گذري، هُو
اَپريءَ واءُ لڳِي گل ڇاڻيا، خواب جيان خوشبُو ٿي، هُو
هاڻي سارَ اجائي آهي ڇا ڏڪي ڇا سُڪي، هُو
آهي آخر سمنڊ سمائي ڪهندي ڪهندي ندِي، هُو.

*

موت ملاقاتي ٿيڻو هو، آنءُ لنوايو هُن کي هُو
هونءَ تہ هڪ عمر ملي هئي آنءُ گنوايو اُن کي هُو
ندي تارئون تار وهي ٿي، آنءُ وساريو ڪُن کي هُو
سڙهہ جڏهن ڦاٽي ويا سارا، مان وساريان ٿو ٽُن کي هُو.

*

تارن جي تِر مِر ائِن مون کي ساري رات سَتائي هُو
جئن تنبوري تڻ تڻ منهنجي من کي پيئي گهائي هُو
تنهنجو نالو جو وِسري ويو واهوندو ورجائي هُو
تون جا رويا آهين ڪئن ڪو توکي تن سان لائي هُو.

*

*

توبِن ڪئن ڪاٽيان مان هيڏي رات پهاڙن جيڏي، هُو
ڪيئن ڇئجي مان ننڊ مان اٿندس ننڊ اچي پئي ايڏي، هُو
بَند نہ مون دروازو هوندو جي تون ايندينءَ جيڏي، هُو
تنهنجي نڪ نڪ نيٺ نہ آئي، آس هئي مون ڪيڏي، هُو.

*

آهه هَڏي جِي هيرَ انهيءَ ڪي نفس تہ آهي ڪُتو، هُو
هُن جو شوق شراب اهو ئي جهڙو پاٽي ٽُتو، هُو
ساري ساري رات نہ آهي جا لئہ باهو سُتو، هُو
ننڊ انهيءَ ڪان دور رهي آ ننڊ نہ آهي جُتو، هُو.

*

باهو دنياداري آهي ڪوُڙي ساري هُو
چانڊوڪيءَ ۾ سون جيان آ ساري واري، هُو
ساوا پَن ڏين تا من کي ڪئن دلداري، هُو
وَر ساري سان ڌرتي اڳ ڪان آهي نياري هُو.

*

لڪُ بہ آهي ڪَکَ برابر، سڀ لئہ موت پڄاڻان، هُو
پوءِ حياتيءَ ڪان جا آهي آنءُ اُهو ڪي جاڻان، هُو
پوئين ننڊ جڏهن تو ايندي هوندءِ ڪو نہ وهاڻان، هُو
ڪيڏي پينگ لڳن تا سارا ڌرتيءَ هينان پاڻان، هُو.

*

باهو ڪوڙ فريب ڪيئہ سو آڏو ايندءُ، هُو
رب سوا ٻي واهر ڪهڙي؟ ڪو بہ نہ ڏيندءُ، هُو
رب سوا ٻيو مُرشد آخر ڪهڙو ٿيندءُ، هُو
در ٻوٽيندين، پوءِ بہ باهو موت سڏيندءُ، هُو.

*

باهو رب رکي ٿو جنهن کي لُوهَ نہ تنهن کي لڳي، هُو
هر شيءِ ڪو پاڇائون آهي جڳ تہ سڀ کي ٺڳي، هُو
آندو چنڊ پلئہ ۾ پنهنجي آ ڪنهنجي رت جَڳي، هُو
سمنڊ ازل کان چوليون ماري اَبد ڪنان پي اڳي، هُو.

*

باهو اڄ افطار ڪري، هت رهڻو ناهي هلڻو آ، هُو
هي جڳ سارو جوٺ، اُنهيءَ ۾ ڪيسين جيءُ بهلڻو آ، هُو
سنيت ڪر اي سنگي ساٿي ٽاڻو مورُ نہ ٽلڻو آ، هُو
هر شيءِ هت ئي رهڻي آهي جيءُ اجايو جلڻو آ، هُو.

*

آڪيرن ۾ ننڊ ڪندا سڀ ٻولڙيون ٻولي، هُو
ڪئن چئجي اڄ تير اڏامي ڪنهن کي ٿو ڳولي؟ هُو
موت شڪاري پنڇيءَ وانگر نڪتو آ پر کولي، هُو
اِيئن لڳي ٿو اڳتي صحرا ٿو ڪوئي ڇا ڇولي هُو.

*

*

موت تہ هر ڪنهن ڏي اچڻو آ موت تہ وڃڻو ناهي، هُو
اِيئن لڳي ٿو خالي هَٿين هيل نہ ٽرڻو آهي، هُو
هن کي ڪا پرواهہ نہ آ، جي ٿاهہ پيو ڪو ٿاهي، هُو
ماڻهن کي هو پيرن هينان ڳاهہ جيان ٿو ڳاهي هُو.

*

الف الله انهيءَ کي اڳتي باهو ڪجهہ پي ناهي، هُو
ب ڪان پوءِ بلائون ڪيئي ڏاهہ رڳو ڪنهن ڏاهي هُو
هي دنيا سَؤ رنگ ڪري ٿي تنهنجي من کي ٿاهي هُو
پاڻ پَوِين ڇالاءِ پيو تون پنهنجي ڦندي ڦاهي هُو.

*

آنءُ فنا جي زد ۾ جئن تون، باقي باهو الا هُو
سڀ کو آهہ قبر جو لقمو آنءُ بہ تو جئن اي باهو
مٽيءَ هيٺ اڪيلو ماڻهو ڪو بہ نہ جنهنجو ڪرلاهو
نڪر نوبر آهي گهُر گهُر، انت تہ سڀ جو آ ڪاهو.

*

خُم تي خُم پر پر اي ساقي، ساغر ڪهڙي شيءِ آهي
روح ٿيو مدهوش، پيو ٿو ڪاهڪشان ڏي ڪاهي
ماڻهوءَ مورک ڪان پڇجي، جي آخر ڇا ٿو چاهي
توکي ڪو نہ وَراڻي سگهندو هن کي ڪو بہ پتو ناهي.

*

*

بالڪنيءَ ۾ چار ڪبوتر شام لٿي خاموش لڳالا،
سارا در ٻوٽي ٿي جڳ تي، ننڊ الله تعاليٰ جا تالا،
باهو تون ڇو جاڳين وينو ننڊ تہ آهي مڌ جا پيالا،
ڪنهنجي سارا اچي ٿي توکي تنهنجا نيڻ ٿيا ڇو آلا.

*

خانہ بدوشو ڪهڙي تر ۾ خيما کوڙيو ٿا،
ڇا جي لاءِ سفر ۾ پنهنجي، ايڏو لوڙيو ٿا،
آهہ حياتي پَٽ جيان ڇو رنڊا روڙيو ٿا،
هِن جنم کي پنرجنم سان وينا جوڙيو ٿا.

*

باهو آهن مينهن ڦڙين جئن تون وٺ ڪيئي ڪتاب، اَلا!
ڪو نہ سوالَ سلن ٿا توکي تن جا ڪي بہ جواب، اَلا!
آءُ، سڏيو وهندي نديءَ ۾ آ توکي مهتاب، اَلا!
باهو سنگُ ڪرين جي سمجهي ڇو ٽِين خوار خواب اَلا!

*

ڪٿ بہ نہ بيني لهر، هلي وئي اڳتي منجهہ چناب اَلا!
جندڙي ماڻهوءَ جي آهي اِئن ساري خيال خوابُ اَلا!
تند ڇڳي جي ڇُپ ٿي ويندو پنهنجو روح ربابُ اَلا!

ڪو بہ گناھ نہ آھي باھو ناھي ڪو بہ ثواب اَلا!

*

*

پڃري طوطو روز رڙي ٿو پنھنجي مانيءَ لاءِ
وڻ تي ڪالھ تنواريندو ھو پنھنجي جانيءَ لاءِ
ڪيئن وَري اُن کي موٽائين کھڙي موٽ جوانيءَ لاءِ
پيريءَ آندي آھي پنھنجي سوچ فقط سرگردانيءَ لاءِ.

*

ڪيئن دريءَ مان چنڊ ڏسين ٿو، ھيرايل ميدانن جا؟
پنھنجو ڪمرو نيٺ وسائيءِ ايذايل انسانن جا!
موم بتيءَ تي بيت لکين ٿو، ڪيتن جا ڪليانن جا
من ۾ جھاتي پائي باھو ڏِڀ ڏسين ٿو ڏانن جا.

*

جوڀن جو رس آھي ائن جئن ڪارونجھر ماڪِي
شايد تو نہ ڏٺي آ ٿر ۾ ڪائي ويساڪِي
نانھ ٿيو تون وارياسي تي چانڊوڪيءَ ساڪِي
تون ڇا ڄاڻين ڪنھن ڏرتي جو تون آھين راڪِي!

*

واھوندي جو واءُ لڳي ٿو لوڪ چوي ٿو سيءُ ويو
آھ لڳي پئي اڄ وچ ڪنھنجي ماءُ وئي يا پيءُ ويو
ڪنھن تي ڪو ويساھ نہ آھي ھوءَ يا ھيءُ ويو
ڇا ڪنھن سوچيو آ ماڻھوءَ تي ڪاڏي ھُن جو جيءُ ويو.

*

*

جُڳ جڳانتر گذري ويا انسان اڃا جئن آهي
ڇيري ڦاڙي هن ۾ جو حيوان اڃا جئن آهي
ساري دنيا ناس ڪندو، نادان اڃا جئن آهي
درد اڃا جئن آهي ۽ درمان اڃا جئن آهي.

*

ڄاڻي ڄاڻهار اَزل کان اڄ تائين سڀ ڪجهه
اُن جو غيب اگر تون ڄاڻين، تون پائين سڀ ڪجهه
تون هستيءَ جو تاڃي پيٽو، ڪولائين سڀ ڪجهه
ڳاتو ٿي سنسار جڏهن کان، تون ڳائين سڀ ڪجهه.

*

لنگهُه اڳيئي طي آ باهو عشق انوکي گهِٽي،
ڪنهن سان اڙبو انگ، اِئين جئن چاندوڪي ڇٽي،
وقت وڃي ٿو گذري سڀ جو موت ڪري ٿو مِٽي،
ڪير جدا ٿيو، ڪنهن پياري کان، ڪنهنجي قسمت ڦٽي؟

*

منهنجو پيار ڪٿي آ ڪوئي ڏس نہ ڏيندو ڇا؟
هن جو پار ڪٿي آ، هُن ڏي ڪَس نہ ويندو ڇا؟
هن تي ڇانوَ گهٽيري هوندي سِجُ مڃيندو ڇا؟
ٿوري ننڊ ڪري هو مون ڏي موٽي ايندو ڇا؟

*

*

ڪويل جو آواز اچي ٿو اُڀَ هلي پيئي
واهوندي جو واءُ ويو دک ڌرتيءَ جا نيئي
نينگرُ نينگرِ اِيئن لڳن ٿا وَلِ ڦُٽا ٻيئي،
ميوا، مجر، ماکيون آهن ماروئڙن ڪيئي.

*

[*]رستي تي هو ايِئَن ڪريو جئن پڪي ڪري روڙهي
لاش پيو آهي ڪو اوڻِي لوئيءَ ڪي اوڙهي
ڪيئي ڪاروُن روُڪي رڪيون پوءِ ته دٻ سوڙهي
اک منجهاران لار نه ڪئي پر ڪنهن جي ٻي ٻوڙهي.

*

ٻاهو تون جو ڪُجهه چاهين جو ٽيٽو آ سو ٽيٽو آ،
ٻاهر جو سنسار ٻَري ٿو ڏنُ انهيءَ کي ڏيٺو آ،
تنهنجي وَس نه آهي پيارا ڪيسين توکي جيٺو آ،
جيڪو ڪوئي جام ڀري ٿو توکي ان کي پيٺو آ.

*

---

[*] ڪاهو:ڪاهوءَ جو دڙو.

[*] ڏان: ٽر ۾ اَن کي چوندا آهن. اصل سنسڪرتي لفظ آهي.

[*] روڙهو:ڇار جي ڪام جا گهوٻاٽي وانگر ڏک هٽڻ لاءِ ڪم آڻيندا آهن.

# بيت

مون سان مُنهنجي شاعري رهي راتِ،
جيسين ٿي پرڀاتِ، سِڄُ اُڀاري سون جان.
متان چئين شاعري، ”ڪو نہ نيايو تو“
پوئينءَ گهڙيءَ جو تنهنجا ڳل چُمي ڏنا.
اڄ تائين اَلهام جئن پيو شعر اَچي،
جِيئين مورُ نچي ڪارونجهر جي ڪورَ تي.
ڇِڄيءَ تانيءَ جو اوڄو ناهي شاعري،
گهاٽي کان گهاٽو اُٿيو آ اڄ ڪالهہ مون.
ساري عمر چئن آ ڪو نہ ڏٺو آئون،
لائون ڏنائون مونکي توسان شاعري.
نند اچي بہ تہ ڪيئن، ٿي ڏونڌاڙي شاعري،
چوي پئي هيئن ”لک، اجا لکٽو اٿي.“

هو جيڪي سُرخاب اُڏرن پيا آب تي،
ايئين منهنجا خواب توکان مٿي شاعري.
رستو اَؤکو شاعري، ورتو آهي تو،
پرتو آهي تو جيڪي هن جنسار ۾.
منهنجي لاءِ نجات تون ئي آهين شاعري،
سارِي رات جيڪا مون جاڳي لکي.
ميان تنهنجي شاعري اَجرڪ تي ڇاپو،
تون منهنجو آپو سمجهي سگهندين ڪينڪي.
پاڻ وهيٽي ڪا نہ آهہ هي جا منهنجي ڏات،
مون کي آڌيءَ رات لِڪائين ٿو تون ميان!
جيئين ڪرٽا چنڊ جا، سِٽون آٽين تون،

تن کي ماٺين تون، ايڏيءَ اوندھ ۾ پڙھي.
اجا اڱر رکَ تي اُجھاٽا ناھن،
چٽنگن جئن آھن ستون اجا ساھ ۾.

ائن تو لکين بيتَ جئن ڪرين تو اَنَ چاڻ،
پوءِ ڪيين تو پاڻ ڏڏر ھر ھڪ سٽ مان.
ھر ڪو ھِڪَ تصوير، بيتُ نہ آھي ماٺيئو!
بي شاعرَ تقدير ناھي ھيءَ مصوري.
شاعر پکي پار جا سپني نہ ڪُڙلاءُ،
کوکي پکي واءُ ٻُري ڪري ٻولڙيون.
پٺائيءَ جو بيت جئن ڪالھ ھيو آيت،
ڪا ٻہ وِلايت مَٽُ نہ تنھنجي شاعري.
مان ئي بلي شاھ ھان، مان ئي ھان باھو،
تنھنجو ڪرلاھو، گھايل تنھنجي گھاوَ سان.
ڪھ مڪرني ناھيان اُتيئي آئون،
خسرو ڏنائون مونکي پوري ڪنڊ ۾.
غالب وانگر چو نہ ننڊ اچي تي رات جو،
شايد آھ پتو نہ اڳتي ڪاڏي تا وڃون!

جان جو پڙھيو غور سان، مون ابنِ عربي،
ھر دنيا طلبي، جڻ دل مان ڏوپي وَئي.
بيٺو اوھيڙا ڪري جڏھن وسڪارو،
ٽر مٽان تارو، ڪاش ڏسين ھا ڏانگڙو!
ڪڏھن ڪاري چاڻ ۾ تون مان رباني،
ڳاتي زباني ساڳي سِٽَ اتفاق سان.
ڪيڏا ڪيا واھَٽين سنڌريءَ سان وَڙَ، بيتَ!

ٻُڌي مون ٽُڙَ بيت گهُوري ڏنو ڳائڻو.
اڄا منهنجي ذات کي ٻہ سَوَ سال گپن،
جن تان انت ٿپن درد پريا هي دوهڙا.
ڪاڪ وري جڙندي ٻيهر ايندا مينڌرا،
رچنا تہ مڙندي پاڻ ڊهي نهندي پئي.

اُتي پوئين پهر جو اِئين اوندهہ ۾،
پکين چَهہَ چَهہَ ۾ تنهنجا گيت سمائيا.
هلي پيو ٿو نار، ڪوهہ ڪٽيئي کو نہ ٿو،
ڪوئي انت نہ پارُ آهي منهنجي ذات جو.
ويرو تار وجود ۾ آهين ئي آهين،
ناهين پراهين مون کان ڪويتا ڪٿي.
بيماريءَ جو بسترو مان ۽ قلمَ ساکَ،
جيسين اُيري باک چوڌاري چانگارَ سان.
اَڃا منهنجو پنڌڙو کُٽو نہ آهي،
وَڏيا ڪُجهہ ساهي، ڏکن پيڙا پيرڙا.
ڪَتيون راسيون سانجهہ کان بيٺي ڏٺائين،
پَرهو تو تائين پهتو نہ آکاس ۾.
هيدَ ڳڙيءَ جا ڪيترا آهن پساري،
ڪيڏي نِڪاري تِن جي ادب ڳالهڙي.

جئن سِرِ ۾ اَؤيڙ، اڄڪلهہ دانشور ائين،
ان ۾ اوچا ٻڙ اُيري سگهندا ڪينڪي.
ايڏا شاعر شاعريءَ آنا ڪانيءَ ۾،
مچردانيءَ ۾ مچر يُون يُون ڪن پيا.
پوءِ بہ چڙهي پِٽَ تي پريان آنءُ گهَڙا،

توڙي پتوُنئڙا ڏنگن منهنجي ڏاتِ کي.
متان سمجهين کوهَ جو مون کي کاڻيارو،
مان جو پاڻيارو مون لئہ واتهڙيون گهڻيون.
ڪالهہ ٻُڌايا پَٿَ جو گنگ ڪويءَ جا گيت،
مون ۾ چا چا گيت صدين کان پوءِ اپريا.
جنهن تي ٻہ ٽي ڪنگ سو نديءَ پيٽ ڏسو،
لکو يا نہ لکو آهہ تہ جيئرو هائڪو.
ٻاهر بارش ٽي وسي ڪيڙا ڪتابِي!
اُفق عنابي آهي چڻ تہ شراب جئن.

ڪونجون ڪرڪن روهہ تي چيڙي سانتِ – ستار،
چڻ ڪنهن موسيقار جي موسيقي واءُ ۾.
ٻيجل پنهنجيءَ تند سان ڪاٽيو پنهنجو ڪنڌ،
چا نہ سُريِلو پنڌ، راڳيءَ ڪيو راهہ ۾!
ٻيءَ لئہ رت وهاڻ جا ڳائي پئي ڳيچ،
مُندي پائي چيچَ، وَر وَر ڏسي تِڪَ کي.
ٻُڌي تنهنجي ڪنجرِي نچن پيا پير،
چئُہ تون آهين ڪيرَ، نينگر نگر پارَ جي؟
وَجن پيون ڪنجريون آڏيءَ جو ڪنهن جون،
نانهہ سڃاتو مون اڃا ان آواز کي.
ڪارائي ڪائي آ تنهنجي آواز ۾،
ڪونج ڪري وائي وڍي وئينءَ انگڙا.
مانڌاڻيءَ آواز آيو اَسُر وير جو،
اگهڻ ۾ ڪو قاز، ڪَرڪي پيو مُنڌ جي.

چوريون ڪيئي چيج ۾ پنڙا لڏن ٿا،
تارا ٻڏن ٿا پرٽي رات رمي وَئي.
اجا سوجهاڪو ڇَهہ ڇَهہ آهي ٻيرِ تي،
جڻ پورو خاڪو آهي ڪنهن تصوير جو.
توکي پٿر مان گھڙي ڏنم جيڪو روپ،
اُهو روپ انوپ ڏِسي ڏات ڏکي وئي.
ڇيڻِي سنگ تراش جي پَٽ تي ڏني مون،
”ڪٿي آهين تون؟“ مُرڪي سوچيو مورتيءَ.
ڪهڙي ڪاشيگر جوڙيو توکي نينگري؟
ڇَئہ، تون ڪهڙي گھَر، ٿيندينءَ پيالي پريت جي؟

* ٿارو: فطرت پرست آمريڪي اديب، ڏانگڙو:- قوس قزح، اندلث
1 رباني: غلام رباني آگرو.

رُنو بت تراش بُت ڏسي سِرَ ڪانسواءِ،
پوءِ، هُن سوچيو ”ڪاش مان بہ هجان ها جنگ ۾!“
ڪَنڌَ ٽُٽي ويا ڪانهن جئن، ناهي جام ٽُٽو
مئخانو نہ کُٽو، ڪيئي رند رَمي وَيا.

رات مٽو شالا جهونجهڪڙي ۾ ائن لڳي،
جڻ تہ سندم پيالا اُڏريا ٿي آڪاس ۾.
آخر رهندي ڪيترو اِها سُرت اَجان،
ساقي ڪيئن چوان اوتيندو رَهہ اوت ڪي!
ڳاڙهي غاليچي مٿان نيرِي صراحي،
چاهي نہ چاهيِ جرڪي پئي جام ۾.
اکين – صراحيون پرجي پرجي ٿيون اچن،
جام و مينا جون ڪري ڳالهڙيون.

جوئر جا ڪانا وَڏا ٿيا ٻنيءَ ۾،
هُرڪر وَنيءَ ۾ سينڌو نہ ٿي سامهون.
ڇا هِي پڙو، ٻانڏٽي اُنهيءَ جي آهي،
ڀَر تي ٻَئِي لاهي جيڪا آهہ نياڻ ۾.
ڇپر تي ليٽي آريني جي ڇانوَ ۾،
هوءَ ننڊي نيٽي پري پئي گهاگهرو.

رَنيون ڇوڙين ڪانسوا مُرن وٽ ساٿيون،
اُنهن ڪئن ڪاٽيون تارن ڀريون راتڙيون!
ڪِن جي لاءِ وجهن ڀيا سِڪ وچان ليئا،
ڏهرن ۾ ڏيئا ءِ تارا آڪاس ۾؟
لالڻ ميندي لاءِ، سيان ڏينهن وهانوَ جو،
اُتِي ريٽو پاءِ، آيو آهي رنگجي!
چنڊ وڏائون پاڪڙي هڪڙي پاسي ڏي،
ٻي پاسي توڪي، جيئن نہ نِوي پاڪڙو.
ٻوليءَ ۾ ٻيهارَ، آنءُ نہ اڇٽو آهيان،
هونءَ تہ اڪيچار ايندءِ نؤنڻ ڪيڏٽا.
اڳتي ننڊ گهٽي ميان هاٽي ڪهڙو ننڊ؟
پوپٽُ مٿان گهنڊَ رهي رهندو ڪيترو!
دل ڪولي رابيل، توڪي سڳنڌون ڏنيون،
هاڻ بہ وجڻ ويل خزانا خوشبوءِ جا.

جيئن ڪرٽا چنڊ جا لهرن مَٿ لُڇن،
تيئين منهنجي مَن، آهن تنهنجون ڳالهڙيون.
جيئين تتر ڪارڙا پجري ۾ ڦتڪن،
تيئين منهنجي مَن، آهن تنهنجون ڳالهڙيون.

پرين تنهنجي ويڙهَ تي منهنجو جيءَ جڙاءُ
جنهن ڏي هَٿَ وڌاءِ، چنڊ ڏسي ٿو عيد جو.
جيئين مٽئي ٽِڪ، ايئين نينهن نگاهه ۾،
مون کي تُنهنجِي ڇِڪَ، ڇِڪي پنهنجي پاڻ مان.
هَٿ پرينءَ ميندي‌ءَ رتا جهڙا گُل انارَ،
جيئن ڪيائين پيارَ منهنجا ڳَل ٽڙي پيا.
تنهنجو بدن بوسڪي، جنهن جي مٿان ڳج،
ليئا ٿو سورج پائي لئي‌ءَ جي پنيان.
پُني ڪُنيي‌ءَ وانگيان ظاهر هئي ڳج منجهان
پريان توکي مان ڪيئن سُجاتو سُندري؟

سائو ڳجُ ڳلن سان، ڪُلهي ڪيائين بانهَن،
دل مان نڪتي دانهن، جوين جاڙَ ڪري وئين.
تنهنجو تَنُ ايئين پرين جيئين اُڃو پَٽُ،
پَريان ئي پَرگهٽ، ڍيرا ٻه ڊولائتا.
ڇا ڇا لجاري‌ءَ لوئي‌ءَ سان پنهنجا ڍڪيا،
پر چولي‌ءَ جاري‌ءَ اڳ پسايا انگڙا.
ڇا جيڪو ميهار هو، هُيو سهڻي‌ءَ خوابُ؟
چوڏينهن رات چنابُ پُڇي پئي چنڊ کان.
هندورو هالارُ آ منهنجي لاءِ ته هوتَ،
ناهي ڪا ڳڻ ڳوت مونکي تنهنجي پيار ۾.
نه ڪي دڙ درياهه جا نه ڪي پَوُ سيسارَ،
سهڻي‌ءَ کي ميهار ڇڪيو ايڏي چوهَ ۾.
پکو پونهارن سان متان جوڙين تون،
جي تون مجين مون، ڇيتِ نه تن جو چانئنون.

مون ڪان پنڌ نہ مورُ، اڳتي تي پنپور ڏي،
ٿيندو نيٺ اَ سورُ، آرياڻيءَ هِن رات جو.
توڙي هُيسِ ڪَچَ ۾ ڪکيءَ جو ڪارو،
ڪينجهر ڪنارو، نوريءَ ويندي واسيو.
نوري ڪٿوري هئي توڙي اَڏيءَ اوٺَ،
ڄام تماچيءَ گهوٺَ چوندي ورتي چاهہ مان.
گڏري ڪَتِي ناهِري مٿان آيو پوهُہ
راٺا ايڏو ڏوهُ! مومل سوچي ماٺِ ۾.
نيٺ تہ ايندو واهرو ڪاهيءَ مان ڪٽندو،
نيٺ تہ مون وٽندو سائو گاهہ پٽن تي.
هي جو چاهَت چِت ۾ ان جو انت نہ مُور،
پويون ناهي پُور ڪڏهن جيوَن ناوَ جو.
ڪيئي پيارا نانوَ وئي سگهان ڪينڪي،
هُرن اندر هانوَ ڪُرن مون ۾ ڪيترو!

هُئِي بيتِي پاڻ تي اجا اڌوري،
ڪالهہ اُها پوري آنءُ ڪئي هئي روس ۾.
هو جا آئي گارڪِي ڪاريءَ گجَر جيئن،
سا مون ڪارڻ ڪيئن ڪَپي وئي پاڻ کي!
چانگا مانگا ۾ هُن سان لتا ڏينهڙا،
جڻ ڪنهن چايا ۾ گڏري ويئون کي گهڙيون.
ءِ هو جيڪا ماٺ، ٻاڦ نہ ٻاقي ٻاهران،
توڙي ڪانئون ڪاٺِ ساهہ انهيءَ سان سنگهرين.
چُڙئي پاڻيءَ ۾، توسان روح رچنديون،
عمر وهاڻيءَ ۾ چاچا مون آ سارِيو؟
ڪيڏيءَ شدت سان وري مون اڄ ياد پيون،

منوءَ ڪيئن سَڀُيون چوڙي پَئي ڀَڏيون.
ڪاڏي هلينءَ ڪامڻي، تون پائي پَنڙا؟
ڪيسين هي ڪَنڙا لوڏيندا تَن لوءِ ۾!

تنهنجي چاهَ چُرون، ڪَيون پنهنجي ساهَ ۾،
ڪهڙي طرف سُرون، چئني طرفين تون هئينءَ.
ماضيءَ جهڙي اي ڪَوي ميڙي چوندي ناهه
جيڪي چاهين چاهِ سار – تجوڙين ڪيتريون.
مُسرت جا ڏينهڙا ڪڪر ڪتيءَ جا،
پاچا بتيءَ جا ڪاري ڪارونيار ۾.
نتي نگر راتڙي پوريءَ ماجر سانڱ،
پانيان پنهنجو پانڱ آهه تماچي تڙ – ڏٽي.
اَلا هڪ گهڙي مِلي ڪسيئِ سپ جمار،
مون سان تنهنجي تارَ ڳنڍي رهي ڳجهه ۾.
صدين جي سيلاب ۾ ڏنو هوندو سانءِ،
اِيئَن لڳي ٿو پانءِ پل لئه ڪٿ آهين ملي!

* مذوشالا (هندي): مئخانو.
* مَنو:مصنف جي ڪلاس فيلو، ماضيءَ جو هڪ واقعو.
* مصنف جي ماضيءَ جي هڪ واردات.

آهي ڪنهن ڪنهن روپ ۾ چنبيليءَ – خوشبُو
اڃُ بہ آهي توُ واسيو منهنجي وات ڪي.

جيئن نيري چانهه لڳي شفق رنگ ۾،
ايئين ئي تون آنهه سيني منهنجي سانوري.

تون ڪٿ لڌو اوچتو ڀُلي منهنجو ڀاڻ،
سانورڙِي تو ساڻُ منهنجو من اڙجي ويو.
عينڪ لاهه ته مان ڏسان تنهنجي چهري کي،
چڳّيءَ پَر پرکي توکي مُنهنجي عاشقي.
اکيون اکين ساڻ ڳالهائين ٿيون ڳجهه ۾،
آڇي پنهنجو پاڻ آهن جڻ آسائتيون.
سانورڙي توساڻ آ منهنجي سِڪ اِئين،
ٿئي شام جئين سانجهيءَ جي آڪاس ۾.
توڏي ٿڪُ نه ٿڪُ، پير نه مون ساهيا ڪٿي،
مون کي سارو لَڪ پَٽُ پٽيهر ٿي لڳو.
تون ئي نانهه اَنانهه ۾ تون ئي منهنجي آنهه
جيئين ڪائي سانهه اوچي اُڏري واءُ ۾.

پاريهر جهڙا پرين بيهر اُڏري آءُ!
تنهنجو لونءَ لڳاءُ مون ۾ ٻَر ٻَر ٿو ٻُري.
ڪِن ڪِن جي لئه پيا سِڪَ وچان ليئا
ڏهر ۾ ڏيئا يا تارا آڪاس ۾.
پوئين دم ديدار لئه ڪيڏو من وِسڪي،
ڳوڏن ڀر ڳِسڪي، جيءُ جڏو تو پار ڏي.
مون کي چاڙهي چيٺَن تون پو ٿو پڇين ڪيئن؟
”توسان ٿيندو هيئن ايءُ به تو ڄاتو هيو؟“
هوءَ جا نِنائين آئي منهنجي راهه ۾،
انهيءَ سدائين چاڙهيو مون کي چيٺَن تي،
هيل ته ڏکڻ زور سان لڳي تو ڏاڍو،
مون من تو ڪاڍو، ساري توکي سپرين.
پڃري ۾ ڦاٿِي هئي منهنجي هڪ مئنا،

ڪيڏا بي چئنا اُن ٻه ڏنم ڏينهڙا.

تون بن جيئڻ – ڏنڍ، پري پريان ڪيترو،
تون جا منهنجو چنڊ آهين آڌيءَ رات ۾.
تنهائيءَ ۾ تون چمڪين پَئي چنڊ جان،
توسان منهنجِي مون جهڙ ڇوليون درياهه جون.
باد – صبا ۾، آ تنهنجي خوشبو پرين،
مان توکي چا ۾ ڊکي ڊکيان لوڪ کان؟
پاڻ تہ وئين ڦهلجي، منهنجو کهڙو ڏوهه،
تو ۾ مُنهنجو موهه، ڪيسين گهاري گيتَ ۾.
تنهنجا تيل ڦليل ۽ ڦُلن جا جُوڙا،
راتيون راسوُڙا ڇم ڇم سارا ڏينهڙا.
تو جنهن تورَ تَلور جي ٻيهر ايندينءَ تون،
ويجهي ٿيندينءَ تون منهنجي تورئي ڪيت ۾.
ماهي مکڻ جيئن تنهنجا ڳل منهنجا پرين،
ٻيو مان ڪيان ڪيئن، ڳُڻ تنهنجي جي ڳالهڙي.

کهڙي ياوَ مکڻ، تنهنجا ڳلَ ڏسي پڇيو
”تنهنجو هر لکڻُ، لک لهي تو نينگري.“
چوريءَ چهرو باهه تي مکڻُ جئن ماٿيءَ
وڌائين ٻاٿيءَ پَلِي سوئي پاند ۾.
هي جا ڏوڌيءَ ڌيءَ آهي اڇي کير جئن
اَک ڏسي آڌيءَ مينهن ڌهي ٿي واڙ ۾.
ايندينءَ منهنجي در وري ماٿئين ڏيندينءَ کيرُ
تنهنجين اکين نِيرُ، رُڪِي رُڪَندو ڪينڪي.
چاٽين پئي ٻيرَ، پرين پئي ٿوڪري،

چڱُ تون آهين ڪيرَ؟ ايڏو تون ڇو تي وڻين!
ڀهراڙيءَ جي نينگري ڏسي تي ڪونجون
سوچي ڪيسين مون، نِيرَ هوندا نينهن تي!
هو جو تنهنجي دَرِ آهي نم جي ڇانوَ جئن،
ڪعبي ڪاشيءَ ڪَرِ مؤُر نہ تنهن لاءِ پنڌڙا.

مَلين پئي ميٺ ۾ جئن ليمي جا پَن
توکي ڏسي مَن ريٽيون ساريون ڪامڻيون.
چندڀ وڏائون پاڪڙي هڪڙي پاسي ڏي
ٻي پاسي توکي جيئن نہ نِوي پاڪڙو.
ڇوريءَ ڳالهيون ساھ ۾ جڻ تي آيون وِڄُ
”ڇاتيءَ ايئن نہ ڇِڄ ٻاهر سيِرون سيءَ جون.“
سَوَڙ سوڙهي ڪا نہ آ، اوري آءُ سُري
ڪيڏي ناھ لُري لانديءَ سنهيون ڪانيون!
آلا ٿوئا راتڙيون ڏک نسورا ڏينهَن،
اَمڙ، مونکي نينهَن، ڇا لئہ ڇيڇاڙيو اِئين؟
ڇوري ڪجهہ تہ ڇئي پَئي اکيون ڪري هيٺ،
آهي هن جو نيٺ پَتو پيو پيءُ کي.
ڇوري ڇتِي رات ڇوريءَ ٿپي ڪُڏ تان،
آهي عورت ذات هيريءَ سنديءَ هير سان.

ڪيئن وساري اڄ پلا پنهنجيءَ پياريءَ کي،
ڪارو ڪاريءَ ڏي، چندڀ چڪي تو چيٺ جو.
ڪَکن جي پترِي ڏنل آڏيءَ اک ڏسي،
ڇورِي ڇوري کي، سامائِي آ نينگري.
ڏِسي پَتر مان، پوتيءَ ڏَکي انگڙا،

هوُ جو لؤڻن سان آهہ نئون پاڙيسري.
اَملهہ آتڻ تي ڪَهِي، آيو آ مون ڪاڻ،
گهاٽو اَمُل آڻِ، بينو آنهہ بجير چو؟
لائِي، پگڙا، ريوڙيون ٽيئي هن جي پاندِ
۽ ڪيڏي هيڪاند آهي پپر پاڙ ۾.
ڀهراڙيءَ جي نينگري ولوڙي چاڏِي،
ڪري اَک آڏي، ڏسي پئي ڏير کي.
ڏهندي مينهِن ڏِسي پيو توڏي ڏوجهارو
ڪيڏو لشڪارو، چوري تنهنجا ڏرگلا.

سڪيءَ بئنسر سون جي دهرِي دل چڪي
ڪتي اکِ ٽڪي جهالر تي جهلڪا ڪري.
جيئين چُميون نار جون تيئين ڪيسو ڦُل
ڪيڏا ڪيا هُل اَلن اُتر واءُ ۾.
جيئين ہ قيدي وَجن هڪ هجي زنجير
آهي تيئن اُڪيرَ تنهنجي منهنجي ڳالهڙيءَ.
جهُري جاڙ ڪَري جڏهن، جويَنُ توسان مُنڌَ،
تنهنجي آنءُ سُڳَنڌَ هُوندس آدجڳاد ۾!
توسان منهنجو پيارُ، جيئين ماڪ گُلاب تي،
هي سارو سنسارُ خوشبوءَ سان واسي وَيو.
مون ۾ اڪيون ڪيتريون تُنهنجون اڪيون ٿيون!
ساريُون سَڪيون ٿيون، ڳڏ جمنا ۾ جيءَ جي!
آنءُ تہ سوچان ٿو پيو، تون مون لئہ آن ڪيرَ؟
آندي آهہ اُوير، جنهن هئن رُت رابيل جي!

تنهنجي مُنهن جو موتيو، من ۾ اُترَ هيرَ!
جيءَ پئي ڇو جهير؟ اُن ڪي مرجهايل ڏسي؟
تنهنجي منهنجي عاشقي آهي لوڙهي جئن،
پير دنيا ڪي ڪِئن مان اُن ڪان ٻاهر رکان؟
ويندي جڻ ته وڃين پئي تنهنجو ڪُماچ،
نيلوفر جو ناچُ جيئين اُتر واءُ ۾.
هوءَ جا لڇي سور سان اُن سان لڇان آنءُ
آهي منهنجو هانءُ گويا هن جي گود ۾.
متان ڪَهارو ڏوليءَ ڪي لوڏو اَچي!
اڄ هن جو سارو ساهه پيو پيڪي وڃي.
ٽڙن ٿا ڪؤنپل تو ۾ هَٿ – ڇهاوَ سان،
ڏرتي جيئن ڪريَل ڪيڏو ناهين ڪامڻي!
اَڄ ٻه مون ۾ ٿيون وڃن جڻ ٽِڙي سارنگيون،
ڪلهه جي نارنگيون توتان آنءُ ڇني وتيون.

هي جو آهي ٻارڙو، تُنهنجي نشاني،
اَمرتا جاني آهه اسان جي پيار جي.
هي جا ڳُنڍِ اُڪنڊ ڄِي، اجائي ناهي،
مون توکي چاهي پاتو سڀ سنسار کي.
ٽاريون سلهاڙيون جيئين گهاٽي جهنگ ۾،
تئن تون مون لاڙيون ٻانهون هڪٻئي ڪنڌ ۾.
ڏِسُ هي ٽندريل ٽاريون وسي پيو مينهن،
مون ۾ منهنجو نينهن آهي ايئِن ڪڙي پيو!
ڪيڏا اُترڙو، ڪَڪا پن ڇاڻي پيو،
ڪيڏو نه ڪَرڙو، ٻهراڙيءَ ۾ وائُرو!

- * چيٽن:ڦاهي.
- * لشڪارو(پنجابي): چمڪ. *ڏرگلا:ڪنن جا زيور.
- * ٽندريل ٽاريون: گُلن ۽ پنن جون ڳتيل ٽاريون.

هي ڏس اوچو ٻڙُ، ڦان تي ڪِريو اوچتو،
وسري ويندو وَڻُ جو هن ڌرتيءَ سان ڪيو.
امڙ جهوٽو تِي ڏئي پينگهو لُڏي ٿو،
اُن ۾ ڪڏي ٿو ابهم پائي بانبڙا.

پُرت ٻَڌائين ڳِنڍِ، هڪڙي پاسي چيلهه تي،
ڪيڏي اَت اُڪنڍ، ٻي پاسي سان بارڙو.
هي جو اَمڙ پيارُ، آهي پنهنجي ٻار سان،
جڻ سارو سنسار، آ اُن جي آغوش ۾.
ٽوٽڙ ڪيئن ڪدي ڏارو ايِئين ئي چڱو،
سيني ڪي تِي ڏي ٽورو نڪر ٽانوَ ۾.
آڪيري ۾ آ سُتل، هي جو ڏانديئڙو،
ڪهڙو اوسيئڙو آهي اُن جي ننڊ ۾؟
پڪي خواب لهن ساري وطن ٽاريون،
ڪاريءَ رات ڪَهن اونداهي آڪاس ۾.
ائين پِٽ جي ڳاٺَ تي بينو آهي ڪيرُ،
ڪهڙو مُڙس مٽير، ساري ڪارونيار ڪان.
ٻُنڍو ڏئي واڙ ڪي ستو گهر ريپارُ،
ٻگهڙ ڪيو وارُ چانڊوڪيءَ ۾ چنڊ جي.

وينڊي ڪُتي پونگڙو اُنهيءَ جي لَڪ لَڪ!
متان ٽئين ڪَڪ! ٻُوٽي رڪ ڪتاب ڪي.

تِڙڪو نانهه تلاءَ ۾ نه ڪو پرسان وڻُ،
نه ڪو ڪَنڌيءَ ڏڻ، نيرو پاڻي ماٺ ۾.
ڇَجَ، اِها ڇَڙَ ڇَنڊَ، ڪيسين اُتر واءُ ۾،
اَمڙ! تنهنجي جَنڊ آهي اوسيئڙو گهٽو.
هو جو اولهه ڪان اچي پيو لاڙِي مينهن،
اُنهيءَ اُجلو ڏينهن ڪيڏو ڏنڌلائي ڇڏيو.
چونڊي ڪَتيءَ جا ڇيڙ نينگرڙي وئي گهر
اُتي، اَمڙ تَر! ڪجهه ته ڪائون مينهن ۾.
اونهاري جي تِرورن پَر ڪري پالا،
ماٺهن ميڄالا سيرون ڪَيا سِج سان.
وسڪاري پاڻيءَ ڏهرن ۾ ٿويا پريا،
جن تي وهاٽيءَ، ٻَرن پيا ڏيئڙا.

آهِليون، اُپ ڪَپريون پٿون دور وجن،
افق منجهه ٻُڏن ڇڻ سنجها جي سمنڊ ۾.
ڏکڻ اولهه جي هوا، اڏامي وارِي،
ٿي ڪامي واري ڪيڏِيءَ تپت لَڪ ۾!
ڪاٺُڙ سريون وِيَروُن وهن ٿيون ٿمٿار،
هن پيري وسڪاري ٿر ڪي ورسائي ڇڏيو.
رس چُوسي ٿي نينگري جوئر ڪاني جي،
ڪانگڙ تي جهِرڪِي، پيئي ڏسي ريس سان.
هي پاندي ۾ پَٽُ، اڳيان ٻکيا ٻارڙا،
ڪيئي ڏينهن اُستُ جيڪي ڪائي ٿيا ڪٿا.
هي ڪُڙميءَ ڪوڏر جنهن جي دل ٻيهجي وئي،
سوچي سوچي گهَرِ هن جي سُڌِ رسائيو.
مٿان ڪکن جهوپڙو، جهرڪيءَ آکيرو،

ڏرتيءَ تي ميرو، پيو آهي اوڊڻو.

ڪپھ جا ڏينو، ڏسِي پيو پوک ۾،
اجا تہ پينو، جڏهن ٻڏي ڳنڙيون!
ڪَڳن ڏرؤن اونهيون متان هٿ وجهين!
يا تن لتاڙين، پانڌي پنهنجي پنڌ ۾.
چبيءَ ۾ چالاءِ ٽانگر وڏءِ نينگري،
ڪيڏو سيءُ هواءِ پاٽيءَ چندو ڪينڪي!
هو ڪينجھر ۾ ڪانگٽيون وينل پاچل تي،
ڪيئن تہ سِج — ٻُڏي ڪارنهن منجھہ سمائيون.
ڪکن چبيءَ ۾ رکيل هي تازا زيتون،
وِلهي بارَ جنُونَ، وَنهئي لڳن ڪينئرا.
مائِي مريڙو پَتي آئي جهولَ ۾،
گھر ۾ اوسيئڙو، ابهم سپ آسائتا.
وليون ٻوٽا ڪيترا، هڪ سرنگھوءَ وڻ،
برسي ٿو سانوڻ، پرسان لانڊين جي متان.

هوڙيا ٽا ٻولِين ٻولي پائر پار جي،
جنهن کي ٽا ڳولِين تنهنجا ڪائڙ جھوپڙا.
ڪينجھر متان چندءِ ڪپر تي چاريون،
جن هينان ڪاريون، چڏي ويون ماڱريون.
گاڏي پئِي ڪڙٻ جي وجي رستي تي،
ڏس تہ ڪيِئن چڪي، چُوسن ڳنا ٻارڙا.
ڏؤنرو وِلوڙي، مکڻ چاڏيءَ ۾ چڏي،
در ڏي ٿي ڊوڙي، آيو آنوادا ڏئِي.
پاٽيجيءَ ۾ پيڻ جڻ پيو آنءُ ڏسان،

چئجي ڪيئن ڪٿان، شروع جو سلسلو.
رڙيون ۽ ريهاٽ دادي پرتي رَب کي،
نہ ڄاڻان هن جاٽ ڪُٽِي کهڙيءَ جاءِ تي.
پيرِي پاسيري رکِي مان تو من — مانديءَ
پنهنجي سيرانديءَ هَٿ سَهلايو هَٿ سان.

ميان ويچ! ٻُڪن جهوريو منهنجي جيءَ کي،
اٿندي هَڏ ڏکن ننڊ نہ اچي رات جو.
ڏس! هو سُڪو وَڻُ، جنهن ۾ گوئنچ ڦٽي پيا،
چو توکي اڻ تڻ، هيٺو هانيءَ کي ڏسي.
ٿورو پريان تي اچي پُورين جي پٽڪار،
ڏس هو ڏنورَن ڏار، نمن پيا واءُ ۾.
متان آکيرو، ڊانديئڙي جو ڊاهِئين!
نيٺ تہ رُت ڦيرو ڪائي ۽ موٽي اچي!
تون جئن نيري چانهہ، ڪنڍيءَ تي ڪائي گهڙِي،
يا اُڏري جئن سانهہ چاچر ۾ چيرون هڻِي.
ڏڪڻ اولهہ جي هوا اڏارِي وارِي،
ٻهڙو پاٽيارِي، پوءِ بہ گهر پهچي ويا.
اَڪ، ٿوهر ۽ ٻاڱيون، ارٽي ۽ ڳڱراڻ،
سيئي مينهَنِ ڪاڻ، ڏسن پيا اُڀ ڏي.

ڏٺي ناهي، ڏڻ وجن تا گوڏول ۾،
سامهون سُڪا وَڻ اُفق تائين روشني.
گهرڙا، رستو وائڙو، واريءَ تي ڪُتو
نيٺ وجي ڪُتو، ڏَپ وتائين ڊوني جي.
ڪيڏي چپ چپات آ، ناهي ڪو انسان،

آ رستو ويران، گهرڙا بند، ٻہ ٻارڙا.
سارو گهر ڀان ڀان ڪري هيڪلڙيون ڀينر،
جن مان ونيءَ وَر رات مري ويو ماٺ ۾.
ڪنڌيءَ ڪيئي جهوپڙا ٻوڏبيون هيٺ ٿَرن،
ٻيڙين منجهہ ڳهَرن ڏُکي پئي ٻاهڙي.
هي واريءَ لس ليٺ ۾ وچ ۾ ترائي،
ڪئن ڳِلي آئي اُن جي هرڻي اُڄ ۾.
طنبيلو، گهوڙو، جنهن جي سَئس سَماءَ ۾،
ٻُڍّي نہ ٻوڙو، هيڪل جي هٽڪار ڪي.

آڏا ڏونگر، ڀُئن گهٽي اُڏِري تڪِي ڪونج،
رڳو هن جي گونج رهندي هن سنسار ۾.
ڦَڳَڻ ڦوڳَ ڦُلاريا نَگر تي نائو،
نيگر هٿ پائو چا نہ سُريلي جندڙي!
هنج اڳِي جئن هنجرون ڪينجهر لاءِ اڇن،
چا ڪو آهہ وچن جيڪو تن کي ٿو چڪي؟
پوڙهو مُڙسالو پيو، وجي ٻنيءَ ۾،
آيو وَنيءَ ۾ ’وينس چو ونهواهہ ۾؟‘
چوڪر جهلي چيلڙي ڪوسي ڪئي ڪَڇَ،
تَنهنجي پُنيءَ اڄ نهڪِي هن جي هٿ سان.

* وينڊو ڪُتو:ڪُتي جو هڪ قسم.
* اُست:اُنڙيءَ جو ڪير.
* ڪَگَن:نانگن.

سونجهي سوُنجهي مُنهَن، وَني ونجانءِ گهوٽ لئہ،
متان توکي ٺُنَهن، اڳِتي ڏولاوا ڏئي.

سنڌڙي تون ائن هيڪلي، جيئين راجستان،
پر مون سنڌ سمان هيڪل ڪا نہ ڏٺي هُتي.
پائين ٿي ڏنارَ سپ، سنڌڙي بگھڙ تون،
تڏهن نانهہ مٿئون بوٽي توتي ماس جي.
برقعي مان ٻاهر ڊِگھو هَٿ ڪري ٻِيبي،
اچا غريبي، ساڳي آهي ڏيهہ ۾.
چڪري ويلڻ ساڻ هوءَ ويلي پئي مانڙي،
آهي سنڌ سڀاجهڙي، صدين ڪان ساڳي اچان.
هي جي ٿانڊا چُلهہ ۾ انهن مٿان رَڪ،
هاٽي ٿيندي ڪَک، پيٽ ٻيا پڙڪاءِ ڪي.
ڪئن تون ننڊي ڪنڊ ۾ گل بچائي وئين،
توڙي ڏائي وئين، توڙي ساڄي سڌ تي.

پوڇاندي ويهِي، لاهہ نہ پنهنجو ڏينهڙو،
پِٽ چوٽيءَ نيهي، ڏس ڳاڙهيءَ ڳاڙهاڻ ڪي.
مارڪس، فرائڊ، ڊارون ويهين صديءَ جي،
ڪيڏي ڳنڊُ ڪسي! ۽ پوءِ سڀ ڪئِہ تي ويا!
ڪوڙو ڪُتو سنڌ جي نالي ۾ ڀَؤنڪي،
ڪوئي نہ چَؤنڪي، هڏو هن جي وات ۾.
رني ڪوٽ جي پٽ تان ساندو ڏسي ٿو،
ٿاندو ڏسي ٿو ڪوئي آرهڙ اُپ ۾.
مذهب توڙي قوم جو نالو ٻوڙيائون،
ٻاهيون ڏنائون ٻار ڪيائون ڪوڪلا.
ڏهاڙي ڪاري ڪالهہ ويو هڙتال ۾،
ٻچا ٻُک ماري، چريو ڪنهنجي چُرچ تي.
هيءَ نہ رڪنا ٻاد، هيءَ تہ آهي روهڙي،

پوءِ بہ مون کي ياد اچ حافظ چو تو اچي؟

آنءُ ٽنيي سان ٽيڪ ۽ فتح پور سڪري،
ڪاڏي ويا نڪري هو جي مُهرا وقت جا.
گانڌيءَ رڙ ڪهڙي ڪئي جڏهن ڏِرڪي ويو؟
نہ ڪي ڪنهن ڄاتو چا تي سوچيو گاڌِ سي!
تولئہ لڏون، چور مون هُن لئہ رُڪو روٺُ،
مان تو چوان موٺُ پنهنجي اِن انياءَ تان.
هوُ جي ڊِڳِڙُ بارڙا ٻِيا ٻِيا ڪَن،
تن جا ٻوڙي دَن چا پاتِئہ منهنجا ڏٽي!
سنڌي پنجابي ڪڏهن ڪو نہ ڏسي تي ٻوڏِ،
سيني ساڳي گوڏِ سيني ساڳو چولڙو.
ماٺهوءَ اندر ٻُڪ جا پيٽر ٽا پڙڪن،
متان هو ڪڙڪن رنيي ڪنهن راڪاس جان.
ڦُبي ڪڙولو سون جو ڏوران ڏسي تو،
پو مَن ڦسي تو، هيٺو ڏسي حال ڪي.

ڄَٺ هنيا جي زَٺ تي، مون تہ لڳي ويا طاق،
وڏيري اوطاق، ٻَالهيون موڙا چم جا.
سنڌ جو وڏو مرض آ ان جي ڪچهري،
منجهند، ٽيهري، سومهياٽي، گذري وئي.
مون کي ماضي ئي وٽي، حال نہ مستقبل،
جنهن کي ڪوئي حل آهي نہ حالات جو.
چوڪنڊيءَ چوڏار تي چنڊ ڏنو ڦيرو،
هاري وڏيرو، چار سران ڪاشيءَ سنديون!
ٽپو ڏيندي لومڙِي ڪوني متان، سوچِ!

مُري موڃَ نہ لوڇ، تولئہ ٻيا ڀي گهر گهٽا.
توکي آزادي ڏئي، هي جو ڊوڙو ساڳَ،
۽ پهچائي ماڳَ اِن کان ڪجهہ ناهي ڀَلو.
ڏس، هو اجرڪ جون پڳون ڪيڙيءَ ڪُرچيل پير،
ڪَهڙا مُڙس متير، جَن ڪُهاڙيون ڪَڇ ۾.

هو جي نازي فوج سان ايڏيو وڙهيو ها،
آخر انهن ڇا ايئين قربانيون ڏنيون؟
دنيا ستر سال ۾ ڪيڏو ڦِري وئي؟
ايڏو ڦِري وئي ناهي ست سؤ سال ۾.
گُهگهَہ ڪيا گرڙاٽ رات لتي آهي،
پوري ٿي آ جاٽ ماڳ لڳي تو ويجهڙو.
آهي جڳ – وسار تکيءَ نديءَ وهڪ جئن،
ڪنهن کي هن سنسار سدا ناهي ساريو.
هي سارو سنسار آ سپني جي سپنو،
تو آهي سمجهيو، جنهن سپني کي ساڀيا.
ڇا سمجهيئہ ڪنهن ساڻُ تنهنجي هي ناتو.
ڳوڙهو ڳُجهہ پاتو، جنهن ۾ تو سنسار جو.
سچي ٿيٽي ناهہ سا، ڪُوڙي ئي رهندي،
ڊهندي ۽ نهندي ڪايا هِن سنسار جي.

تون بہ تہ پهريون لفظ هئين، وئين ڦهلندو،
اڳِتي ٿهلندو هن ساري سنسار ۾.
ڄاڻُئِہ ڄاڻٽهارَ تو جو منهنجي چِت ۾،
تڏهن تو ٻيهارَ مونکي ڏني جندڙي.
پورو ڪرڻو آهہ مون اجا سو پيغام،

جيڪو سارو عام هڪٻئي جي ويجهو ڪري.
مان ئي سارو دشت هان، مان ئي حُدي خوان،
هي منهنجو ايمان واڳون تنهنجي وس ۾.
منهنجي ننڊ ڦٽائين ڇو ٿو ميان تون؟
ڇو ٿو ڏئين مون جاڳڻ جون ايڏيون گهڙيون؟
مان ئي شاهه حسين هان مان ئي بلي شاهه،
منهنجو سارو ساهه توسان واڳيو ديسڙا.
دنيا طالب ڍوند جي ڪُتا ڦيريون ڪَن،
تيريون ميريون ڪن حصي تي هرکي ڪري.

دنيا طالب ڍوند جي ڪيڙا ڪيڙا تَنُ،
مور نہ آهي مَنُ، جيڪو بُلي آڪيو.
ڏئين تہ ڏاتار ٿين، ڏمرجين بہ تہ ڏي،
ويندين هِت ڇڏي سڀ ڪجهہ هن سنسار ۾.
جاڳن ساري رات جي ياڳن جَن نہ ننڊَ
تِن لئہ وڳا گهنڊ ڪو نہ سُڃاتئِہ ڪاپڙي.
هي جو تنهنجو دٻدٻو هي جو لوڪَ — وڏاءُ،
نيٺ تہ مٽيءَ پاءُ مِٽيءَ سان مٽي ٿئي.
واري ذات ڪُذات کي پيار ڪَيان سڀ سان،
ڪبيرا، توکان پوءِ نہ آيو مون جيان!
نانڪ کان پو آنءُ آيو هان اسرار مان،
متان منهنجو نانءُ سمجهو گهٽ گرنٿ کان.
ڪيرِتَنن وانگر کهڙي گونج هُئي اِها،
هيٺ ڪَنن وانگر بادل آيا باک جا.

رات شِوالي مان، جهانءِ ٻُڌي مون جهانجهَہ جي،
چيو هاڻ ميان، لڏجي جيڪر لوڪ مان.
ماڻهو سجاڻو، جي مون کي تاريخ مان،
پوريو نہ پاڻو، آنءُ اوهان لئہ جو اَڏيو.
مان جو چوان ٿو ائين ڪنهن بہ نہ ڄاتو آ
ڪنهن بہ نہ پاتو آ ائين ڳجهيءَ ڳالهہ کي.
ميان ڳالهيون ڳُجهَہ جون ڳُجهيون رهڻ ڏي،
تن کي ساهَہ سَلي هوند نہ هيڪاندو ٿئي.
کهڙيون سليان آنءُ ڳاهُون تنهنجون ڳالهڙيون!
پوءِ بہ پليان آنءُ پاڻ نہ ٿو اسرار کان.
هو جا لهروئي، وري ايندي ڪينڪي،
ڪنهن هي ڳالهہ چئي، آنءُ تہ موتيو آهيان.
هي جا گهڙي لهر جان وڃي نہ موٽي،
انهيءَ کي جوٽي جيڪر ڪنڌيءَ سان ڇڏين؟

سڀ ڪجهہ تنهنجو روپ آ، تون جو آنهہ اَروپ
توڙي آنهہ الوپ جڻ ڪنهن شيءِ ۾ ڪو نہ آن.
قادر مطلق تون، ڦهلي وئين اوچتو،
۽ ڏيکاريئہ مون هي لِيلا سنسار جي.
اڳ ۾ رڳو هڪُ هيو پوءِ بہ رڳو هِڪُ
وچ ۾ لِڪو لِڪُ آهي تنهن اسرار جي!
مون کي ڪنهن جي ڪاڻ آ جي تون پرچين مون،
منهنجو رڳو تون دنيا ڪوُڙا آسرا.
هاڻي شڪ يقين کان مٿي آهيان آنءُ،
هر شيءِ تنهنجو ٿانءُ ڀُري پيو ڀُوجهہ سان.
ميان، متان موت کان ڪڏهن گهبرائين!

متان من لائين هن جوني سنسار سان.
ڪيڏِي ڳاڙهي اوتَ بادل ڪَن تا شام جو،
پري ڏڪي موتَ، ويجهو آءُ وجود جي.

چڪڻو آ، هر شخص ڪي اِن جو ذائقو،
ايڏو ڏر آ ڇو، ميان توکي موت جو؟
ڳالهه ٻُڌِي تو موت جي، خارَ اَچي ٿي پَر
موتُ تہ پيغمبر سدا سارينداَ هُيا.
ميان سنئين راهه تي ڪٿي تون ايندين،
تڏهن اوريندين جڏهن موت مٿان اچي!
آيو آهين موت، ترس تہ هلون ٿا ميان!
اجا آهي اوتَ ٿوري منهنجي جام ۾.
هٿ مان ڪرِي موت جي جام نہ آ ممڪن،
رِندو! پوئين ڪِن پيو اوتيندس اوت ڪي.
هرڪو هٿيڪو آهي گهڙيءَ موت جي،
ڪنهن جو ڪو نيڪو ناهي هن جهان ۾.
ڇا ڪو آهي، موت ٿو جنهن نہ ڇڏي رڙڪي،
سڀ تي ائن ڪڙڪي وِڄُ ڪري جئن وَڻ تي.

ڇڏيندءُ ڪنهن جاءِ تي متان پائين موت،
فاني هرڪو فوت اَوس ٿيندو اوچتو.
هتان ٿرون ٿا نيٺ تہ تڏي ساهه سان،
نيٺ تہ مرون ٿا، مٽيءَ سان مٽي ٿيون.
رات ڪُٽي ٿِي ڏينهن ٿئي، آئي آهه پِرَهه
اسين روز گرهہ، ٿيون پيا موت جا.
نہ ڪي ڪنهنجي هار آ نہ ڪي ڪنهنجي جيتَ،

موت ڏئي ٿو ميتَ ٿهڪ انهن تي جي مُئا.
ڪنهن کي دهو موت جو اڳ ۾ پوي ٿو،
۽ هو چوي ٿو ڪيئي ڳوُڙهيون ڳالهيون.
هي جا لات لُڙات آ، هي جا رَئيءَ رَءُ،
مونکي مور نہ پَوءُ مرڻو ناهي آدمي.
ڪٿان ٿو ڪوري ڪپي تنهنجا انگڙا،
هن جي ئي ٿوري تون جڻ وَڻ اَنار جو.

* ڪيرِترن:ڌرمي گيت.
* ڪُل نفساً ذائقة الموت.

ڪڏهن هي سوڙها، وَرَ وراڪا راهہ ۾،
ڳاڙيندي ڳوڙها ملي ويندا پاڻ ۾؟
مَٿو نہ ڦيراءِ تون بيڙيءَ ٿمر تي،
پُکيون نہ پر تي ڪيئي ٻڏيون سِير ۾.
جيڪو سڀ ڄمار تو ڪيو اتيا چارُ،
اُن جو توکي بارُ، آهہ گهڙيءَ ۾ لاهڻو.
پل جو پاڇائون اَٿي، هي تيرو ميرو،
ڪنهنجو آڪيرو سدا لڏيو لام تي؟
لڳ لاڳاپا لوڪ سان سارِي لب لالچ،
روح نہ تنهن سان رَچ ڪجهہ بہ نہ آهي جنڊڙي.
ڪکن ترها ڪيترو سهارو ٿيندا؟
آخر ٻوڙيندا اچي تڪيءَ سِير ۾.
پيسي سان تون مائٽي پئسو ئي سيڪجهہ
ڪيئن پائيندين ڳُجهہ اونهي جي اسرار جو.

ڪنهن جي لاءِ ڪنا ڪَيئِہِ دَنَ اهي ديرا،
ڇڏيئِہِ جي پيرا وڏي ڪيپ ڪٽي وئي.
سَرايون ڇالئہ اڏين، ميان تون مهمان،
آهي ڇا انسان؟ رات رهي رمندو رهي.
ڇَتون پجري ۾ پيو ٻولڙيون ٻولي،
ڪڏهن در کولي اُڏري ويندو اوچتو!
گانيون، گابا، واڙِ، ماڻهو، مانيءَ جي پنڌي،
پَئي پئِي راڙِ چَٻ چَٻ جي آواز سان.
ڏاند نہ هَڻُ ائن ڏورڻو، متان ڳاڏيءَ ڪي،
ايئين ڊوڙائي اونڌي ٿئي اڌ تي!
سوچي پير وڌائجانءِ وهہ گهٽي وائن
متان سپ ڪاٽن ڏرڙ نہ ڏسين وات تي!
وِهُہ گهٽو واٽن جيسين تونڙ پُڄائئين،
ڪپر ٿا ڪاٽن ور ور ويندي ماڳ ڏي.

وجهي پير رڪاب ۾ گهُوريائين منزل،
پوءِ نہ وريس دِل، مُنهن موڙيائين ماڳ ڪان.
ڪاڏي ويو قافلو ائين ڇڏي باهِ،
مَچ اجهاڻو ناهہ ڇڻنگون ڪيڏيون واءُ ۾!
رات رهڻ ڏينديم اڄ محفل آهہ مَتي،
رِم جهم آهہ ڪَتي اَمل پيو اوتجي.
ميان! تون ڏاتارُ، متان هٿ ڊگهو ڪَرين،
تو وٽ پاراپارُ ٻئي دنيائون مُٺ ۾.
تو ڇا سمجهيو رزق جو آهيان مان محتاج،
منهنجو سارو ڪاج پاڻ پيو پورو ڪري.

توکي لڳي ڪا نہ آ اجا لهر لپاٽ،
ڳُلندءِ نيٽ ڪپاٽ ڪنڌيءَ ويندين ڪيترو؟
ڪيئن پيو تو رِتجي ماٺهوئڙن ميلو،
شل نہ پڇي پيلو ترندي ترندي تار ۾!

ڪئن چئجي هي ميز تي آ پوئين ماني،
آهن مهمانِي مڙئي جيئڻ ڏينهڙا.
ڪوڙي ڪهاڻي جونا جوين ڏينهڙا،
ماڻِي نہ ماڻِي ڳالھ مڙيوئي هڪڙي.
اڪيلو ايندين ميان، اڪيلو ويندين،
ڪشتيءَ ۾ نيندين ڪو بہ مسافر ڪينڪي.
ويا وڇڙهارَ، روڪي روڪيا ڪينڪي،
روئي روئي يارَ سهمِي ويا سانت ۾.
سارون ئي سارون، اڪٽ مون وَٽ سانت ۾،
هي ڪنهنجون ڪارُون، ڪير ڪَري تو سَڏڙا.
اڌ ۾ ڪير ڪتاب ڇڏي ويو اوچتو،
رُنو جڻ تہ رباب، اُن جي تارَ ٽٽي پئي!
چانگون ڪري راتِ، وڳر ويا پار ڏي،
مونکي ڏيئي ماتِ، جر ۾ ڇڏي جيئرو.

ڪالھ ٻڌو مون ڪُنڊ ۾ ڏکويل ڪُٽڪو،
جنهن جو هر پُٽڪو، پوري هڪ جهان ڪي.
آنءُ تہ روڪيان تو گهٽو رُنا ڪو نہ رهن،
پوئين پهر ڪَهن جونجهڪڙو جهيرو ڪري.
جيئين پن هواءِ ۾ اهڙو تو اَستان،
ميان، تون انسان، آخر متيءَ موٽڻو.

ڏِس هوُ اَبُر ڇِڻ جا نيري آڪاس ۾،
اُهي منهنجا مِٽ، تو منهنجي کھڙي مِٽي؟
دنيا سڀ دوکو، جيڏو سؤلو پنڌڙو
ايڏو ئي اوکو لاڏاٽو هن لوڪ مان.
سڀ ڪجھ رهڻو هِت، آ تنهنجي تون سواءِ،
تون ڇا ڄاڻين ڄِت تنهنجو پڇندو پنڌڙو.
هي جا جَبل روڻ، تنهن مان گھُلي وائرو،
ڪري ڇڻ تہ پروڻ توکي پيو جندڙي.

هو جي جبل لَڪَ مون ماريندا ڪينڪي،
مَٿي سِڌي نَڪ چڙهڻو آهيان چوٽِئين.
ڪيڏو ڪشالو ڪاريءَ رات ڪُهنگ جو،
ڇڻ ڪوئي پالو ويو پئي پونءِ تان.
وڃ نہ ويجھو جهنگ جي پيڙ تا پڙڪن،
ڪوراڙيون ڪڙڪن واڻهڙو ويندا ڏسي.
ڪيئي چارا پيچرا ڪيئي وڪڙ ورَ،
جيسين پهچو گھرَ ٿاٻا ايندَوَ ڪيترا.
ميان ماڻهن ساڻ، ٿورو گھارين جي چڱو،
آهي تنهنجو پاڻُ، پورِي دنيا پاڻ ۾.
دنيا پن پن جانوَر ٻُري ٿو ٻيلو،
تيسين جھميلو جيسين آهين جيئرو.
ڪاڏي ٿا ڊوڙن وڻ وڻ آهي پاڄ ۾؟
صدين ڪان ووڙن جيڪي ڪُجھ ملي نٿو.

هاڻي جيئين جيڇڙو پينهين پيو هڏ،
هاڻي ڪائي ڳڏ آئي آهي ويجھڙي.

نِهري هوندءِ بانهِڙي، هي پر نہ ڇاتوءِ
جيون هڏا هوءِ ڪاٺي پنهنجا ڏينهڙا.
هي جا آهي ڪڪڙِي انب ٽئي تي ڪيئن؟
ڇا ڪو چوندو هِيئن، ڪجهہ بہ نہ اچي سوچ ۾!
سڀ تنهنجي حڪمت هُئِي آنءُ تہ ڏنو هيئن
ڏانديءَ ڪيڙو ڪيئن پهتو پنهنجي ڪاڌ ڪي.
ڪيڏا پکي آئِيا پاڻيءَ جون پاٽيون،
لُنءِ لُنءِ بولاٽيون 'تون' 'تون' جي تنوار جون.
آنءُ اگر هان آنءُ ۽ هوُ آهي مون سان،
'تون' جي تات ڪيان، ڪهڙيءَ واهر واسطي؟
جر تي ڦوٽو جيئن اڌُ ڪري ٿو وائرو،
تون پڻ آهين تيئن پنهنجي جيءَ جٿاءَ ۾.

هي جيڪو مٺيار موتي پوئي اُپ جا،
اُن جو پارُ اَپارُ مون ڪي جي ڏيئي سگهين؟
وٺوهڙ ڪنهن ڪاٺ جِي صدا ٽئي ٿو،
ڪجهہ تہ ڏئي ٿو توڪان مگِي مگُتو!
ڪندِ هجي يا ڪيرُ نينگر ٿورا ڏينهڙا،
نيٺ تہ نيٽين نير آهي سڀ لئہ انت ۾.
بئنسر پنهنجي لال جي لاڙئون ڪو نہ گهراءِ،
مِٺِي نہ بهلاءِ باقي ٿورا ڏينهڙا.
وڃايئہِ اڌ زندگي اجائي پنتان،
سجائي پنتان، او شل تو مهلت ملي!
رُڪي ماني ڪاءُ، سُڪيو ڏينهن گذار تون،
ننڊ نہ اهڙو سماءُ، جهڙو بکئي پيٽ تي.
ڪَنڊي بيڙي جيئِن پئي لهواري ڏوُڪي،

ايئين پڻ توُکي گهڙيون آهين سِير ۾.

ڪَرمنڊل ۾ ڪينَ، سامي سَڀ پنيان ويا،
هر ڪنهن نيٺ زمينَ، ڪم آٽي تي ڪاڍِ جئن.
جيئڻ هڪ درياهہ آ تون مان ٻہ لهرون،
ڪو نہ ڪٿي نهرون سڌو وڃون سمنڊ ۾.
اِئين چَڱُو تہ پڪَ سِڄُ سياٽي ايرندو
ميان آڻ نہ شڪ اَگهِيءَ آڌيءَ رات ۾.
پِيُ نہ شل پرجي ڪڏهن، نِيُ نہ شل وسري
چنڊ ستارن کي، ماڻهو تُڇ چئي چڏي!
ڪَنڌُ تہ ڏوڻين تو، ڄاڻين تو ڇا تو پڙهين؟
جڻ تون لوڏين تو، دلي لوڏيون ڪارڪون!
دليون نڪر ٽانوَ جئن ٽڏيون ڪرين جي
ڪائي ڳالهہ متي، ان ڪان آهي ڪينڪي.
لاهي وڌيئہ لوڪ جا ڪيڏا عمامہ!
تنهنجا دمامہ واڄٽ ڪن وجود ۾.

جيڪي ڏوران ئي ڏسن سارن رستن کي،
تون تن مستن کي، چالئہ پيو چيڙئين.
تنهنجا پِن پِن وَن سورج، تارا ۽ ڪتيون
ٻُڌ هي وڻن – پَن جي توکي ڳائن پيا.
دستڪَ دَر تي ڏي اچا سَرلو ڪري سَڏ،
هُو جو توسان گڏ اوري تي آواز تي.

# دوها

●

سج لهي ٿو آهہ افق تي ڪوئي زرد گلاب،
آهي پوئين پاڇائين سان لهرائيندڙ آب.

●

رنگ شفق جو لائون لائون آهہ اُفق تي ڪيرَ؟
آنءُ ڏسان ٿو در تي ڪنهنجا مينديءَ رتڙا پيرَ؟

●

ڇانئي شام، افق پاتو آ، تو جئن ڪهنبو ويس،
هاڻ تہ مان ويجهو ٿو پانيان ڏُکياريءَ جو ديس.

●

ڇانئي شام ٻجراٽين جئن هي ٻائورُين وَڻَ،
جن هينان ليٽي پيا، ڄڻ ڪَڪرين جهڙا ڌڻ.

●

ڇانئي شام تہ ويئي رڱجي ڍهر ڍهر ۾ ٻيرِ،
جهانجهر ڇمڪي، ڪيرَ ڪڙي آ در تي ننگي پيرِ.

●

اُت! پکيئڙا اُڏريا اُپ ۾ آئي اَسُر ويرَ،
دير نہ لڳندي سج هاريندو جڳ لئہ سوني ڍيرَ.

●

منهنجي ڏات ائين آ اونهي جيئين وڻ جي پاڙ،
تنهنجو وس نہ هلندو مون تي، مونکي ائن نہ اُکاڙ.

●

توکي ياد نہ آهن توڙي توسان منهنجا وَڙ،
ڇايا ڪو نہ ڇڏي آرهڙ ۾ آ ڪنهن اوچي ٻَڙ.

●

ٻير جيان تون ڇاڱي ڪيئي، ٻيهر ٻير ڪندين،
ڪٺن ڇٽجي ڪنهن ڪارڻ لئہ تون ڌرتيءَ تي ورندين.

●

منهنجي جِندُ تتي پئي آهي، ناهي ٿَند ٿُتي،
آنءُ پيو توڏي واجهايان، منهنجي لاءِ ڇُتي؟

●

جيءُ جَڙي زنجير جيان وئي تنهنجي هِڪَ نگاهہ،
تنهنجي لئہ ڪيڏو تانگهن ٿا منهنجا پورَ پَساهہ.

●

تنهنجو عشق ويو جو وسري، دنيا وسري وئي
ايڏي دير وِڌءِ جو تنهنجي رويا وسري وئي.

●

جي ڪنهن آڌيءَ رات جو مون کي ڳائيندين،
مون کي چاري چنڊ جي چُرندو پائيندين!

●

جڻ هيءَ سرڪي سمنڊ ۾ اُپ منجهان آئي،
متان ڇڪين تون مَڇي، ماري سُرمائي!

●

ايڏيءَ ڪوسي رَتُ سان هَٿَ پئي ناريَئہِ؟
ڪيڏيون ڪونجون روهَ تي گوليءَ سان ماريَئہِ؟

●

هِي منجهند جي ماٺ، تتيءَ جا تاوَ، گهَر ويلا،
پَن ڪوماڻا اُس وِچاڻا، بَر بَر ڪن ٻيلا.

●

*آنءُ سکي هِي ڳالهڙي، تُلسي تُنهنجي ساٿِ
”مايا ڪون مايا ملي ڪَر ڪَر لنبي هاٿِ“

●

هاڻي مان سمجهان پيو ڪنهن ڳَلهہ چاجي لاءِ
نگر ڍونديورو هو پِتيو پِريت نہ ڪري ڪاءِ.

●

تون بہ تہ بيجو باورا، جاڳ منجهاران جاڳُ!
ديپڪ ۾ ئي تو رهي، اڳ ئي ديپڪ راڳ.

●

چا نہ بسنتي هيرَ ڳهُلي ٽِي توٽُ پيو جهولي،
ڪيئي پکي ويا پارِ اُنهيءَ تي ٻولڙيون ٻولي.

●

مان ڪاٺيارو تون ڪَرلاهو، ٻاجهارا ڪر ٻاجهہ!
جئن چوندو هو بُلو باهو، ٻاجهارا ڪر ٻاجهہ!

●

جهڙي ڳالهہ فريد ڪئي آ اهڙي ڳالهہ نہ ٻي،
’نہ ڏيک پرائي چوپڙي، نہ ترسا اپنا جي‘

●

اهڙي ڳالهہ نہ ڳاتي آ ڪنهن ويو فريد جا ڳائي،
’پيار ڪئِي سي هو نهين سَڪتا، چاهي جِي للچائي‘

●

موت تہ آهي ننڊ جيان، ها، جاڳڻ آهي جند،
جيءُ سچي جنسار سان پنهنجو واڳڻ آهي جند.

●

هي جڳ ايئين چِڏٹو ناهي اُت اي پوڙها اُگهہ
هي جي آليون اکڙيون آهن تن جا ڳوڙها اُگهہ.

●

در تي ڪيسين ڪَرهو رهندو ڪو بہ نہ وننڌو واڳ؟
پنهنجي ڏانهن ڪڏهن تو ڪوئين مونکي منهنجا ماڳ؟

●
ڪجهه به نه ڪٽنديون ڪجهه به نه ڪٽنديون چالئہ ميڙين مالُ؟
سڀ ڪجهه هِت ئي رهڻو آهي، هَئہ هَئہ تنهنجو حالُ؟
●
چَتونءَ جي چانگار تہ ٻڌ تو پڇري ۾ ٻولي،
ڪئن چئجي ڪنهن وقت اُڏامي ٻاهر دَر ڪولي.
●
ڪئن پڇري مان مئنا نڪري ٻيهر موٽي آئي،
ڪو بہ تہ ان جو ڀيد نہ ڄاڻي آهي ڪوچ اَجائي.
●
منهنجي دانهن ڪڏهن تون سُڻنديون ماڻئين ڏينديون ڪيرُ،
ڪيسين زخم پيو ڪُرچيندين ڪڏهن تہ ڏينديون ڏيرُ.
●
ماڻهو واڳهہ، ٻگهڙ ۽ چيتو، خوفِ خدا جي ناهہ؟
خوفِ خدا ماڻهوءَ ۾ مرِرونءَ ڪي روڪي بيٺو آهہ.
●
سج لهي سانجهي ٿيو آهي، هاءِ وَڃڻ ويلا!
ڪئن چئجي ٻيهار بہ ٿيندا ماروئڙن ميلا!
●
سج لهي سانجهي ٿيو آهي، چا نہ وڃڻ وايون
ڪئن تو منهنجي مُک مان سائين آهن ٻولايون!

●
سج لهي سانجهي ٿيو آهي، آئي آهہ اذان،
مسجد جا مينار لڳن ٿا جنهن ۾ سون سمان.
●
سجِ لهي سانجهي ٿيو، وَنيون ڪولي پنهنجا دَرَ،

سُونجهي ميڙ، نهارن بيٺيون ڳولن پنهنجا وَرَ.

●

ٻيهر ايندس ٻاجهه جهجهي تي ڪهڙيءَ جهوليءَ ڏي،
لوليءَ ۾ ننڍڙو تي مان ڪنهنجي ٻوليءَ ڏي.

●

آهي هاٽي پوري تي وئي هِي جا وَٽ ڏيئي،
ڪيسين پڙڪا ڏيندي آخر، ڪيسين نيٺِ جيئي؟

●

هي جو اُتي رات جو وينو آنءُ لڪان،
ٻيهر وَجهه ائين نه ڏي مون کي ٻاکَ مَتان!

●

هيءَ نه تون دلجاءِ ڪر موٽي ايندس مان،
ها، پر ڄاڻان ڪو نه ٿو ڪيئن ملان توسان؟

●

تنهنجي خوشبو ئي نه آ، هي جو منهنجو ماسُ،
مالِهڻ! تنهنجي پيار جو ٿاريءَ ٿاريءَ واسُ!

●

ساجن تنهنجي پنڌ جو ڪهڙو پارُ پَتو،
هينان ساري ريتِ آ مٿان ڏينهن تَتو!

●

متان ڏيئي ڏِڪِرا مون تي تون روئين،
توهر ڳُلَ ڪنا ڪري، مون لئه تون پَوئين!

●

مون کي توکان دور پيو ٿو لَهندو سِجُ ڪَري،
ڪئن چئجي ٻيهار ڪٿي هِي ڏيئي لات ٻَري!

[*] تلسي:تلسي داس.

[!] ميران ٻائيءَ جي هيٺين دوهي ڏانهن اشارو:
”ساجن جو مين جانتي پريت ڪري دکھ هوءِ،
نگر ڍِنڍورا پيٽتي پريت ڪري نا ڪوءِ“

# وايون

◎

اُڏري آڏيءَ رات
ڪونجون ڪَرڪن روهہَ تي.

جڳ نهوڙيو ننڊ ۾ تن کي پنهنجي تات،
اُڏري آڏي رات.

آهي کهڙي ماڳ جي وائي وَلَر – وات،
اُڏري آڏي رات.

ويندیون ويسر وارجي جڏهن تي پريات،
اُڏري آڏي رات.
◎

◎

آرينا تہ پُساءِ*
ميري تي وئي ڪنجري.

نئون جوڙو ڪو نہ تو آندو وَنيءَ لاءِ،
آرينا تہ پُساءِ.

هي جا گُل جيان اُنهيءَ اجا وڳا پاءِ،
آرينا تہ پُساءِ.

ماڻهو ڪوني ڪوٺ تي تنهن ڪان پوءِ گهراءِ،
آرينا تہ پُساءِ.

◎

◎

سائيءَ ڇپر تي
ڪيرَ اِئين ليٽي پئي؟

اچِي ڏير ڏنو، جڏهن ڪو بہ نہ هو گهر تي
ساڳيو ڪتو پالتو وينو هو در تي
ٿورا ڏينهن ٿيا هيا هن ڪي گهر ورتي
واجهائي ٿو چؤطرف هوندي نہ پرتي.

◎

اجا ٻوڙُن هَٽ
پنهنجا نڪتا ڪين ڪي.

لڙهندا وڃن لاهہ ۾ ڪيئي يارَن سَٽ
اڳتي اچڻو آهہ ڇا، اها ڪنهن کي ڪٿ!
ڪيئن بہ هجي جندڙي آهي وڏي وَٿ.
◎

◎

كنهن مصور جو تصور آهه منهنجي شاعري،
رنگ و بو جو رقص ڏس!

رونوا جئن مون چِٽِي آ آدميءَ جي زندگي
رنگ و بو جو رقص ڏس!

روح جي تصوير هئي يا كنهن نِسائي جسم جي
رنگ و بو جو رقص ڏس!

مون قلم سان موُ قلم جئن حسن ۾ حيرت پري
رنگ و بو جو رقص ڏس!

◎

◎

*سَروَ جا وڻ ائن اُڀا جڻ وارَ ڌرتيءَ جا پَٽي
تو آسمان!

كيفيت كهڙِي ازل جي رنگ نيري ۾ جهَٽي
تو آسمان!

هارَ ڌرتيءَ جو مقدر، نيٺ اُن كان چو گٽي،
تو آسمان!

شام جو اُن سان شفق ۾ رنگ پنهنجو چو مَٽي
تو آسمان!

◎

◎

اڄ مارينديون مون،
ڳوناٽن جون ڳالهڙيون

ڀيجلَ سوا ڪينرو متان سوچين تون!
صدين کان پو وَرِي پرِندي تُنهنجي پوُن
شل اڳ جي تاريخ مان اسان هيلَ سِکون!
ڪيڏو پنڌ پري اچا، ڪيڏا پيرَ لڦون!
◎

◎

تي نہ اوندهہ ۾ اُداسُ،
چاندني راتيون بہ ايندِيون!

مان مجان ٿو هُونءَ ناهي موت جو ڪو مُند ماسُ
چاندني راتيون بہ ايندِيون!

جيِئندو رهہ، پيئندو رَهہ پو بہ جيسين آهہ سواسُ،
چاندني راتيون بہ ايندِيون!

’نانهہ‘ ڏي ويجهو وڃين چو، نينهن مان تون ٿي نِراسُ
چاندني راتيون بہ ايندِيون!
◎

◎

هو جا پَلي پاند ۾ آٽي تي پيئي،
چلايا جي ويجهڙو گهر ڏي گسُ ڏيئِي
هِير ڇُهي جنهنجون چڳون ڪينجهر ڏي ويئي،
هُن جا ٽڙن ڏنيرا ٽِڙن تا ٻيئي،
چلايا جي ويجهڙو.

◎

تَڏا تَونريون ڏِير مان اُٽي تي پيئي،
سَجاول جي نينگري ساجُهر سنجهيئي،
تڪِجي ليٽِي تِي پوي ٻانهن ڳِچيءَ ڏيئِي،
مُنهن انڌيري نندَ ۾ ويئي ڙي ويئي،
پَٽ پٽيهر ٿيا سندس سپنا سيئي،
سجاول جي نينگرِي.
◎

◎

هُن جي سُهڻي ڏيئڙي جهڙِي اُماڙِي،
گاڏيءَ ۾ لاڙِي.

هُن جي پياري جوئِڙي رِم جهم ۾ واڙي،
گاڏيءَ ۾ لاڙِي.

ڪالهه وڏيري جا پئي تاڙ رکي تاڙي،
گاڏيءَ ۾ لاڙِي.
شال نہ جُهڙي جهوپڙِي، ٻَنِ پوي ماڙي،
گاڏيءَ ۾ لاڙِي.

◎

◎

توڪي ساري سُپرين ڳوڙها ٽَپ ٽَپ ڪَن!
ٿمي پيو مينهڙو ڇَنا ڇَپ ڇَپ ڪن
ڳوڙها ٽَپ ٽَپ ڪن.

سنڌوءَ سِير وجي پئي لهرون لَپ لَپ ڪن،
ڳوڙها ٽَپ ٽَپ ڪن.

ڪيسين تولئہ جيئرا اَچا جپ تپ ڪَن،
ڳوڙها ٽَپ ٽَپ ڪن.

◎

◎

ڇا هِي نيٽن ڏيئڙا هاٽي وِسايان؟
باقي باک گهٽو پَري!

ڪيسين واجهہ وِجهي ڪري در ڏي واجهايان؟
باقي باک گهٽو پَري!

ڪيسين ڪَڙو ڪوليان ڪيسين مان پايان؟
باقي باک گهٽو پَري!

هِي اونداهِي راتڙي ڪنهن سان ورهايان؟

باقي باک گهٽو پَري!

ڪيسين تنهنجي ڳُجهه جون ڳاهون مان ڳايان؟
باقي باک گهٽو پَري!

◎

◎

ڪئن اڄ من ۾ اوچتو ڪنٽهارَ ڪِڙيام!
ڪنهن جي سارَ اچي پئي؟

آئي رُت رابيل جي، ڏکڻ هِير وريامِ
ڪنهن جي سارَ اچي پئي؟

چالئہ اکيون آگميون، ڇو هئن نيڻ ينامِ؟
ڪنهن جي سارَ اچي پئي؟

ڪکر ڪارونيارَ تي واريءَ مَٿ وسيامِ
ڪنهن جي سارَ اچي پئي؟

◎

◎

پئي بوند وَسي
ڪاهيندي ڪوهيار ڏي

پريان پئي پٻ سان ڪکر ڪورَ گسي
ويندي ڪهڙي ماڳ جا ٿوهر ڏسَ ڏسي
پنهنجو گهوڙو تير جان ساري واٽ ڪَسي
ڪئن چئجي هو توڙ تي ڪهڙيءَ ويرَ رَسي!

◎

◎

ڪِن کي ڪالهه سَتي ڪري دُور وَئي ٻيڙي؟
ڪيرِ پڳا ٻي پارَ تي؟

جاڏي پاريهر ويا تاڏي پاريهڙِي
ڪيرِ پڳا ٻي پارَ تي؟

ڪِن تي ڪالهه ڪراڪنيا ڪِن ڪيتي ڪيڙِي
ڪيرِ پڳا ٻي پارَ تي؟

ڪانهہ ڪٽي ويو پاڻَ سان ڪو چوندي ميڙِي،
ڪيرِ پڳا ٻي پارَ تي؟

ريٽا ڪکر اُڀ ۾ ريٽِي جر هيڙِي،
ڪيرِ پڳا ٻي پارَ تي؟

ڏسُ، ٻيڙي ٻي ڳوٺ ۾ آهي گهر پيڙِي
ڪيرِ پڳا ٻي پارَ تي؟

◎

◎

رَهي ويو راتِ،
ڪَلجُڳ ۾ ڪو ڪاپڙي

اڄ جَڳ تي هُن ڪانسوا پَڌري ٿي پريات
ساري وَستِي ٿي لڳي ڪيڏي چُپ چُپات!
ڇا هُو مرندو ڪينڪي موت ڪيو جو مات؟
مِٽي مِٽيءَ سان مِلي، ها پر هن جي ذات.....

---

- نوٽ:آرينا پسائبا آهن تہ ڪپڙن ڌوئڻ جي صابڻ جو ڪم ڪندا آهن.
- رونوا (Renoir):فرينچ تصويريت – پسند مصور.
- موُ قلم:بُرش.
- وان گوگ جي هڪ پينٽنگ ڪان متاثر وائي لکي وئي.

# ترائيل

◆

خدا جي راهہ ۾ ڪيڏي خوشي سمايل آ
قدم قدم تي لڳي ٿو گلن جو ڍير آهي
لڳي ٿو هير ڪا خوشبو ڀري ڊگهي وَل آ!
خدا جي راهہ ۾ ائن روشني وڇايل آ

لڳي ٿو چنڊ جو قنديل ڄڻ جهُلايل آ
وجي ٿو تيز اِهو روشنيءَ ۾ ڪيرُ آهي
ترائي لاءِ هرڻ آهہ ڄڻ اُجايل آ
خدا جي راهہ ۾ ڪيڏي خوشي سمايل آ!

◆

◆

اگر تون سون ٿيڻ چاهين آنءُ پارس هان
ڪڏهن تہ چاهہ سان تون آءُ منهنجي چائنٺ تي
سدائين چاندين ۾ ٿو تنهنجِي راهہ ڏسان
ڪڏهن تہ ايندينءَ هوا ۾ هلي تون خوشبوءَ جان

مان توسان پاڻ وراهڻ لئہ منتظر آهيان،
متان تون پنڌ ڪري پو هلي وڃين پُٺ تي!

مان پنهنجي ذات ڇُپائڻ نہ چاهيان ٿو توکان،
اگر تون سون ٿيڻ چاهين آنءُ پارس هان.

◆

◆

ڪنن ۾ آڱريون وجهندين تہ وچ ٽري ويندي؟
گهٽا گجي ٿي ٻنا ٻوڙ نيٺ وسٽي آ!
پنهون تلاش ڪندي سسئي مري ويندي؟
ڏِسي درياهہ جا دڙ، عاشقي ڏري ويندي؟

هزار بار ٻُڏي پل وري وَري ويندي
پرينءَ جي پار ڏي اُن جي سدائين ڏسٽي آ
رُڪي ڪٿي ٿي؟ پئي چاهہ ۾ چري ويندي
ڪنن ۾ آڱريون وجهندين تہ وچ ٽري ويندي؟

◆

◆

صدين ڪان پوءِ اگر سمجهندين تہ ڇا ٿيندو؟
هڏن ڪي ڪا بہ تسلي ملي ملي نہ ملي
لکي ٿو هٿ، لکڻ ڪان ڪڏهن جُدا ٿيندو؟
فضائون ڪيئي صبا جيئن روح جهاڳيندو؟

چوان مان ڪيئن، ڪڏهن منهنجو خاتمو ايندو؟
گهٽائون جيسين اچن ٽيون پيو ٽو مورُ ٽِلي،
خبر نہ آهہ تہ آگم اِهو ڪٽي نيندو؟
صدين کان پوءِ اگر سمجهندين تہ ڇا ٿيندو؟

◆

◆

علي الصباح اچي مئفروش ٿو در تي
ڦٽائي ننڊ ڏئي ناو و نوش جو هوڪو
گهٽيءَ گهِري ٿو پُڪاري اداس گهر گهر تي
اجا تہ ننڊ ۾ هر ڪوئي آهہ جڻ پَر تي

وجي پڳو آهي ڪنهن جُڳ تي جڳانتر تي
اچي ٿو ٽَنهن جو فجر وقت هوش جو هوڪو
اجا تہ ڪنهن جي بہ دل سُرڪي نانهہ ساغر تي
علي الصباح اچي مئفروش ٿو در تي.

◆

◆

خبر نہ آهہ تہ ڇا موت اڏُ — ٻُڙي آهي؟
خبر نہ آهہ تہ جملو ڪٽي ڪُٽي ٿو پيو!
خبر نہ آهي تہ ڪنهن پنڊ جي ڪُڙي آهي

اُنهيءَ سان پريت سندم هيئن ڇو جُڙي آهي.

ڪڏهن تہ ڇئن سان بيٺي سندم ڪُڙي آهي
خبر نہ آهہ ڪٿي سلسلو ٽُٽي ٿو پيو!
خبر نہ آهہ تہ ڪيڏانهن هُو مڙي آهي!
خبر نہ آهہ تہ ڇا موت اڏ — ٻُڙي آهي؟

◆

# پورو ٿيو